






# آسن جو آسمان

(شاعري)

قادر سيال جهڏائي

پُراڻ پبليڪيش جهڏو
2017 ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

2018ع

## حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: آسن جو آسمان
شاعر: قادر سيال جهڏائي
موضوع: شاعري
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: © 2017 ع
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: اشفاق احمداڻي
ٽائٽل: اشفاق احمداڻي
ڇپيندڙ: پُراڻ پبليڪيشن جهڏو
فون نمبر: 03002382699
قيمت: 150 روپيا

**poitry]**

***By Qadir sial jhuddai***

Edition: First
Year: © 2017
Price: Rs.150 .0_


### استاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد-ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد-

شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاهه- ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي-رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-

مهراڻ ڪتاب، کپرو-العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ-المدينه ڪتاب گهر، ڇاڇرو-

ٿر ڪتاب گهر، مٺي-ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص-المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ-

عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ-مرچولال بوڪ ڊيپو، بدين-سوجهرو ڪتاب گهر، بدين-

مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر-سنڌ ڪتاب گهر ، شڪارپور-وسيم ڪتاب گهر شڪارپور-

سچل ڪتاب گهر، دڙا-ڪنول ڪتاب گهر، مورو-

سارنگ ڪاتاب گهر ڪنڊيارو





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”آسن جو آسمان“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب قادر سيال جهڏائي جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

قادر سيال جهڏائي پلوڙ شاعر هجڻ سان گڏ بهترين نثرنويس پڻ آهي. قادر سيال جهڏائي گهڻي عرصي کان شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي. سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”آسن جو آسمان“ شاندار قلمي پورهيو آهي. قادر سيال جي شاعريءَ ۾ جتي عشق اڌما ڏئي ٿو اتي ڌرتيءَ جي درد جو جوالامکي بنجي ٻري پيو.

هي ڪتاب **پُراڻ پبليڪيشن، جهڏو** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو.

ٿورائتا آهيون مانواري محب ٻيل جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# ارپنا

ارپيم
سنڌ امڙ جي
سمورن سپوت شهيد پٽن کي
جن سنڌ ماتا لاءِ
جان جا نذرانا ڏيئي
سنڌي قوم جو سِر بُلند ڪيو.



آسن جو آسمان

## سٽاءُ


- اداري پاران 5
- مهاڳ (اخترحفيظ) 6
- رايا 13
- شاعر پاران 23
- غزل 25
- نظم 105
- وايون 112

## اداري پاران.................

هڪ طرف انتهاپسندي وڌي پئي ته ٻي طرف رجعت پرستي جو ٽوڙ شاعري ۾ ٿئي پئي. سنڌي ادب جي هن دؤر ۾ روزانه ڪيترائي ئي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. يعني قوم جي گهڻي اڪثريت نه هي سهي پر وري به باشعور ادبي لڏي جو چڱو خاصو تعداد آهي جيڪو ڪتابن سان دلچسپي رکي ٿو. ان حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو ته سنڌ جي مقدس وجود کي فقط ڪتابن سان ئي بچائي سگهجي ٿو. قادر سيال جهڏائي پلوڙ شاعر هجڻ سان گڏ بهترين نثرنويس پڻ آهي. قادر سيال جهڏائي گهڻي عرصي کان شاعري تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي. سندس شاعري جو پهريون ڪتاب "آسن جو آسمان" شاندار قلمي پورهيو آهي. جنهن تي قادر سيال جهڏائي جس لهي. اسان سندس پهريون ڪتاب شايع ڪري توهان سڄڻن جي هٿن تائين پهچائيندي دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. اڳتي به توهان جو ساٿ رهيو ته هي سلسلو جاري رهندو.

نيڪ تمنائن سان

**فقير سليمان لغاري**
*03002382699*





# مهاڳ

## شاعريءَ جو اڙانگو پنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهه سائين چيو آهي ته "وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿيئي" اها ڳالهه شاعريءَ تي به لاڳو ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته شاعري ادب جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن تازگي آهي، ڪا اهڙي سماج جي حقيقي عڪاسيءَ انقلابي ڳالهه، خيال يا فڪر پيش ڪيل آهي، جيڪو صديون پڇاڻان به نئون ۽ نڪور لڳي ته اهو اهڙو وکر ٿيو وڃي جيڪو پئي پراڻو نٿو ٿئي. شاعري ڀلي ڪهڙي به صنف ۾ ڪئي وڃي، اها غزل جي صورت هجي، نظم هجي يا وري بيت جي شڪل ۾ هجي پر جيڪڏهن انهي ۾ شعريت ناهي ته اها ڪنهن ڪم جي ناهي. شعريت جي معنىٰ آهي جڏهن ڪنهن به شاعر جو ڪلام پڙهيو وڃي ته اهو محسوس ٿئي ته جنهن خيال کي پيش ڪيو ويو آهي، انهي جي پيشڪش اعلىٰ آهي ۽ نرالي. انهي ۾ موجود خيالن جي اڻٽ ڪهڙي انداز سان رکي وئي آهي جو اها پڙهڻ مهل هڪ پڙهندڙ کي اهو احساس ڏياري ته شاعر رڳو لفاظيءَ کان ڪم ناهي ورتو پر پنهنجي ڪلام ۾ انهي شعريت واري مزاج کي به زنده رکيو آهي، جيڪو اصل ۾ شاعريءَ جو روح هوندو آهي.

سنڌي شاعريءَ جو سفر صديون پراڻو آهي. انهي ۾ اسان ڪلاسيڪل شاعرن کان وٺي جديد دور ۽ هاڻوڪي دور جي شاعرن کي پڙهندا پيا اچون. جن پنهنجي ڪلام سان سنڌي شاعريءَ جي جهول ۾ ڪيترائي گل پريا آهن پر ڇا سنڌي ٻولي ءَ ۾ ٿيندڙ سموري شاعري بهترين آهي؟ ڇا انهي کي ان ڪري

يلو چوڻ گهرجي جو اها اسان جو نوجوان لڏو لکي رهيو آهي.

پر اڄ بہ سنڌ ۾ اهڙي قسم جا جرئتمند شاعر اسان کي ورلي ئي ملندا جيڪي رياستي جبر کان وٺي ڪنهن ڏاڍي مڙس خلاف لکڻ جي همت ڪري سگهن. سنڌ ۾ هڪ دؤر اهڙو بہ رهيو آهي، جنهن ۾ مزاحمتي شاعري نہ فقط ڏڙا ڏڙ لکي ويندي هئي پر انهي کي وڏو مانُ بہ ڏنو ويندو هو. اها شاعري ماڻهن جا روح گرمائي ڇڏيندي هئي. ڪئين ماڻهو انهي کي نعريبازي چون ٿا پر آئون انهي کي نعريبازي نہ بلڪ مزاحمتي ادب جو حصو ئي سمجهان ٿو. جڏهن توهان لفظ مزاحمت استعمال ڪريو ٿا تہ انهي جو مطلب آهي تہ توهان وٽ هڪ ڪروڌ آهي، هڪ ڪاوڙ آهي، جنهن جو اظهار ليکڪ توڙي شاعر لفظن وسيلي ڪندو آهي. انهي ۾ پوءِ اسين پرين جي لبن جي لالي ۽ سندس ٻانهن جي هار کي ٿا ڀُولي سگهون. اهڙي قسم جي شاعري قومن لاءِ نہ فقط اتساهہ جو ذريعو هوندي آهي پر ماڻهن کي پنهنجي وطن ۽ مٽيءَ سان وڌيڪ ڳنڍيندي آهي. تنهنڪري شيخ اياز، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي، مجرم لغاري، استاد بخاري، سرويچ سجاولي، آڪاش انصاري، مير حسن آريسر، ايوب کوسي ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن اهڙي قسم جا نظم لکي ماڻهن کي اهو احساس ڏياريو تہ شاعري ڪا تير يا توپ ناهي پر پر اها انهي کان گهٽ بہ ناهي. انهي جا لفظ ئي گولا بارود آهن. خير اهو تہ سنڌي شاعريءَ جو اهو پاسو آهي، جيڪو هاڻ ماضي جو قصو ٿي چڪو آهي. هاڻ اهڙي قسم جي شاعري اسان کي ڪڏهن پڙهڻ لاءِ ملندي، ان باري ۾ ڪجهہ چئي ٿو سگهجي.

اڄ بہ سنڌي ادب ۾ نوجوان لڏو شاعريءَ کي تمام







گهڻُو اهم سمجهي ٿو، جيڪي لکندڙ بهتر نثر لکي سگهن ٿا، انهن کي بہ اهو ئي شوق رهي ٿو تہ اهي شاعري ڪري نالو ڪمائين. جڏهن تہ هڪڙا ماڻهو شاعر هوندا آهن پر ٻيا وري اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي شاعر ٿيڻ چاهيندا آهن. اها هر ماڻهو جي مرضي آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي ادب جي ڪهڙي صنف ۾ بهتر محسوس ڪري ٿو، تنهنڪري انهي کي ان صنف ۾ ئي محنت ڪرڻ گهرجي.

اسان جو دوست قادر سيال جهڏائي، جيڪو مون کي سدائين نثر ۾ وڌيڪ متاثر ڪندو رهيو آهي، سندس لکڻين ۾ سدائين ڪي اهڙا موضوع رهيا آهن، جيڪي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي ڦلهوريندا آهن. جن تي لکي هن نہ فقط بهترين ڪم ڪيو آهي پر انهن موضوعن تي لکڻ سان هن انهن کي هڪ اهڙي دستاويزي شڪل ڏني آهي، جيڪا اڳيان هلي ڪنهن بہ نئين لکندڙ لاءِ مددگار ثابت ٿيندي ۽ اهڙن موضوعن تي هن کي اڃا بہ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. چاڪاڻ تہ هن کي خبر آهي تہ هڪ نثر نويس وٽ ڪهڙي قسم جا موضوع هجڻ گهرجن ۽ اهو ڪهڙي ريت پنهنجي لاءِ هڪ پڙهندڙ حلقو پيدا ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري هن جو نثر ۾ ڪيل ڪم مون کي گهڻو متاثر ڪندڙ لڳي ٿو پر سندس شاعري بہ ڇڪ رکي ٿي.

زلفن جي ٿڏڙي ڇانءَ جو، احساس پنهنجو آ
دردن ۾ گهيريل هانءَ جو، احساس پنهنجو آ
ساري جڳ جون ريتون رسمون، اورانگهي تو ڇڏيون
هٿڙن تي لکيل نانءَ جو، احساس پنهنجو آ

آسن جو آسمان آ، ڪڪرن کان اڄ پيو وانجھيل
خالي چونري ۾ ٽانءَ جو، احساس پنھنجو آ

صدقو ڏجي ته ڪھڙو گھر آهي منهنجو خالي
وڻ تي بڪايل ڪانءَ جو، احساس پنھنجو آ

چانڊوڪي شب ۾ تولئہ، سندر غزل لکيو مون
”قادر“ جي ذات ۾ ڏانءَ جو، احساس پنھنجو آ

دوست قادر سيال کي نثر کان وڌيڪ شاعري جو شوق آهي. شوق جو تہ ڪو ملھ ڪونهي. تنهنڪري سندس قلم نثر سان گڏ نظم ۾ سرجي ٿو. پر وري بہ مسئلو اهو آهي تہ ڇا ڪو سٺو نثر نگار شاعر بہ اوترو ئي پلو تي سگهي ٿو يا ڪو شاعر نثر بہ اوترو ئي سهڻو لکي سگهي ٿو، جيتري سٺي هو شاعري ڪري سگهي ٿو. اهي ٻہ الڳ الڳ معاملا آهن. تنهنڪري اهو ضروري ناهي تہ ڪوبہ ماڻهو جيڪو مختلف صنفن ۾ لکندو هجي، اهو سمورين صنفن سان هڪ جيترو ئي نياءُ ڪري سگهي. اهو مسئلو قادر سيال سان بہ آهي. سندس شاعري اڃان پختگي جي پنڌ تي هوندي بہ نرالپ جا حسين رنگ رکي ٿي.

پلڪن جي آ جھروڪن، سپنن جي آجيان ڪئي
تنھنجي خوشي جي لاءِ، دردن جي آجيان ڪئي


www.sindhsalamat.com



اڄ پيو بهار رت ڪي، نيڻن سان مون چميو آ
گل گل جي آجيان ڪئي، پن پن جي آجيان ڪئي

هن جي غزلن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو تہ اهي اسان کي سنڌ ۾ مروج خيالن جي حد تائين بہ بهتر لڳن ٿا پر اڳتي محدود ٿي وڃن ٿا. خيالن جي مخصوص دائري ۾ لکڻ وارو مسئلو گهڻن شاعرن سان آهي. جيتوڻيڪ هن پنھنجي ڪتاب ”آسن جو آسمان“ ۾ وائي ۽ نظمن وسيلي سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر وري بہ مسئلو اهو ئي آهي تہ ڇا ڪنهن بہ مسئلي تي لکڻ سان شعريت نظم يا وائي ۾ شامل ٿي ويندي آهي؟ شاعري جيترو پنھنجي ماڻهن سان پنھنجي وطن سان جڙيل هوندي اها اوترو ئي توازن ۾ رهندي آهي پر جيڪڏهن ڪو شاعر انهي جي پيشڪش بهتر انداز سان ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو تہ پوءِ اها پنھنجو اثر نٿي ڇڏي سگهي. تنهنڪري شعر کي اهڙي انداز سان لکڻ جي ضرورت آهي، جيڪو هر حوالي سان پڙهندڙ کي پنھنجي وس ۾ ڪري ڇڏي.

پئي وڏي خودڪشي ديس ۾
ڪيڏو مجبور آ آدمي ديس ۾

قادر سيال جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو ٿئي ٿو تہ هو شين جي پرک تہ رکي ٿو پر ڪٿي ڪٿي هن سان اهو مسئلو بہ پيش اچي ٿو تہ انهن کي شاعريءَ جي سانچي ۾ ڪيئن رکي. نظم جي رواني ڪنهن پاڻيءَ جي وهندڙ وهڪري جيان هجڻ گهرجي. وائي لکڻ وقت انهي جي نج سنڌي


www.sindhsalamat.com

اسلوب کي ذهن ۾ رکجي، تڏهن اهي صنفون اسان کي پڙهڻ ۾ ايترو ته مزو ڏينديون جو اسين واه واه ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهنداسين.

شاعر قادر سيال جهڏائي جي شاعري جا ڪجهه بند هيٺ پيش ڪجن ٿا،

دربدر آهيون اسين
چڻ قمر آهيون اسين

مرڪ پرين جي پيار گهري ٿي
سارو چڻ سنسار گهري ٿي

اسان جي قتن کي اکيڙي وئي آ
جفا جو رڳو تير ڪوڙي وئي آ

ٿي ويون رات گم هڪڙي منظر ۾ اکيون
تڏهن هن جون هن ٽڪيل در ۾ اکيون

درد جي هيراڪ دل
آ منهنجي رولاڪ دل

هوءِ رکي ٿي پاڻ وٽ
ڪيتري چالاڪ دل



آسن جو آسمان

اڄ جڏهن سنڌ ۾ انتهاپسندي، دهشتگردي، بک بدحالي ۽ ملائيت جو راڄ هلي رهيو آهي ته اسان جي سنڌ جي شاعرن کي اهڙا شعر لکڻ جي ضرورت آهي، جيڪي اهڙي قسم جي مسئلن کي حقيقي طريقي سان پيش ڪري سگهن. محبوب جون ڳالهيون ته هر ڪنهن کي وڻنديون آهن ۽ اهي وڻڻ به گهرجن، ڪرڻ به گهرجن پر وطن جون ڳالهيون يا وطن جي ماڻهن جي دردن کي به وسارڻ نه گهرجي. قادر سيال پنهنجي شاعريءَ ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي ۽ هو سنڌ جي معاملن کان لاتعلق يا بي خبر ناهي. اهڙي ريت سنڌ جي هر شاعر کي باخبر هئڻ گهرجي. سندس هي ڪتاب سنڌ جي ادبي حلقن ۾ ڪيتري پذيرائي ماڻي ٿو اهو فيصلو ته پڙهندڙ پاڻ ئي ڪندا پر قادر سيال کي شاعري جهڙي اهم صنف تي وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي، شاعري هڪ اڙانگي پنڌ جي چونڊ آهي، چاڪاڻ ته رسول حمزاتوف بقول شاعر باهه جا رکوالا هوندا آهن. ڏسون ته هاڻ قادر سيال پنهنجي ئي شاعريءَ جو ڪيترو رکوال ٿو ٿئي.

**اختر حفيظ- حيدرآباد**
24 آڪٽوبر 2017ع

رايا...............

## گلاب جي پنکڙين جهڙا خيال

نئين ٿهي ۾ گلاب جي پنکڙين جهڙا خيال سرجيندڙ احساسن ۽ جذبن کي موتين جي مالها وانگر پوئي پني جي سونهن بنائيندڙ قادر سيال جهڏائي ٻه اهڙو شاعر آهي. جنهن کي علمي ادبي لڏي جو ذڪر ڪندي وسارڻ سچ ته وڏي ستم ظريفي ۽ تاريخ سان ڀي اڪيائي ٿيندي. شاعري جي جهان ۾ ٿوري وقت ۾ قادر سيال پنهنجي خاص جڳهه والاري چڪو آهي. هي شاعري جي آسمان تي چڪندڙ ستاري جيان اُڀريو آهي. قادر سيال جي هڪ وڏي خوبي اها آهي ته ڪيس پنهنجي جنم ڀومي سان بي حد محبت آهي. جنهن مٽي جو هو خمير آهي ان سان جنون جي حد تائين پيار ڪري ٿو. جنهن جو ثبوت سندس نالي مان ئي ظاهر آهي. جهڏي جو هئڻ ڪري پاڻ پنهنجي اباڻي شهر جي نالي پٺيان پنهنجو تخلص “جهڏائي” رکيو اٿس. قادر سيال هڪ بهترين شاعر سان گڏوگڏ هڪ سگهارو نثرنگار پڻ آهي. شاعري ته هن ڪمال جي ڪئي آهي؛

هڪ ڦڙو ناهه واهه ۾ پاڻي،
خالي هاري جي هٿ ۾ هر آهي.
ڪوئي قادر هجي ٻڌڻ وارو،
داستان پنهنجو مختصر آهي.





هاڻي هنن سٽن ۾ اهو تاثر اهو تاثر ملي ٿو ته قادر سيال ڌرتي جي پورهيت ۽ هاري جو درد ٻه پنهنجو درد سمجهي ٿو. هڪڙي اهڙي منظر ڪشي ڪري ٿو. جنهن ۾ هن ڌرتي ڌڻين جو اجايل هئڻ پڌرو ٿي پوي ٿو. سندس قصو يا داستان مختصر ۽ ٿورن لفظن ۾ با مقصد آهي.

قادر سيال جي شاعري ۾ جتي عشق اڌما ڏئي ٿو اتي ڌرتي جي درد جو جوالامکي ٻنجي ٻري پيو. مونکي اڄ دلي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته آءُ منهنجي هن همقلم ياءُ قادر سيال بابت سندس ڪتاب جي مناسبت سان پنهنجا ويچار ونڊڻ اعزاز ماڻيان پيو ٿورائتو قادر سيال جو مونکي انهي لائق سمجهي اعزاز پنهنجي شاعري جي ڪتاب لاءِ ڪجهه اکر لکي ڏيڻ لاءِ چيو. آئون سندس هن اٽڪ لڳاتار ۽ ادبي علمي ۽ قلمي پورهئي کي جس ڏيان ٿو پاڻ ڪيرون لهڻي.

دعاگو

**سيد پناهه شاهه ڏاڏاهي**

# تلاش واري تڙپ رکندڙ شاعر

قادر سيال هڪ شاعر هئڻ جي ناتي سونهن جو متلاشي رهيو آهي. ان ڳالهہ جو آئون شاهد آهيان تہ هو اسڪولي دور کان ئي سونهن جو ڳولائو رهيو آهي. اڄ هو اسڪولي استاد آهي. پر انهي تلاش واري تڙپ ويرا وير وڌي وئي اٿس. اسين ٻئي نہ صرف هڪڙي شهر پر هڪڙي ئي راڄ جا رهواسي آهيون. اسان جو راڄ انهي جهوني پراڻ جي ڪنڌي تي آهي. جنهن کي لطيف سائين بہ ڳايو آهي. پراڻ جا هي پٽ وادي هاڪڙا جي هنج ۾ اڇن ٿا. جتي محبتن ۽ عظمتن جا ڪيئي ڪردار ۽ داستان مدفون آهن. انهي سڳند جو واس قادر بہ ورتو آهي. هن ننڍي ڄمار ۾ چڱو چوکو مطالعو ۽ مشاهدو ڪري ورتو هو. انهن ڏينهن کان هو مون سان ملندو رهيو آهي. هو جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هو تہ انهن ڏينهن ۾ واندڪائي جي وقت مون سان اچي ملندو هو.

قادر ٿوري وقت ۾ گهڻي ۽ سٺي شاعري ڪئي آهي. اتي هن نثر ۾ نياڻ جي چڱي ڪوشش ڪئي آهي. ان کان بہ وڌ هن جي شخصيت جو سگهارو پهلو اديبن شاعرن توڙي ادب دوستن وچ ۾ رابطي جو ڪردار ادا ڪرڻ آهي. خوش مزاجي ۽ مرڪي ملڻ هن جو شيوو رهيو آهي. هن جي محبت جو محور پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي مٽي سان رهيو آهي. هڪ شاعر ۽ ٻيو استاد جي منصب جي ڪٿ سان قادر سيال منهنجي نظر ۾هڪ مهان ماڻهو آهي. شل جُڳ جُڳ جيئي.

فقط

**معصوم ٿري**



www.sindhsalamat.com



# ڌرتيءَ جو شاعر

شاعري جڏهن محدود حدن مان نڪري ديس جي دانهن ٻڌجي ٿي تڏهن ئي دلين جي ترجمان ٻڌجي نروار ٿئي ٿي اهو ئي شاعري جي منفردپڻو ڇئبو جو شاعر پنهنجي ذات ذريعي پنهنجي وطن جي وڻن، وستين، پيچرن، فطرت جي حسين خوبصورت نظارن ۽ محبوب جي چڪن مان نڪري جڏهن ڌرتيءَ جي انگ اگهاڙن، مسڪين، مظلوم، ڏکين ۽ ٻُڪين ماروئڙن جي سورن ۽ صدمن جي عڪاسي ڪري ٿو تڏهن ئي ذات ڏهوڻي ٿي پوندي آهي. منهنجي ٻالڪپڻ جي جگري يار قادر سيال جهڏائي جي نظم توڙي نثر ۾ عشق، حُسن، محبوب جي مرڪن سان گڏ هن ديس جا درد ۽ تڪليفون بہ شامل آهن.

قادر سيال جهڏائي ادب جي دنيا ۾ پنهنجي شاعري جيان ئي بلڪل منفرد ماڻهو آهي. هن ڪڏهن بہ ادبي ريس ۾ حصو وٺڻ بجاءِ پنهنجي ڪم سان ڪم رکيو آهي. سندس هن قلمي پورهيي بعد نثر جو ڪتاب اچڻو آهي. جيڪو پڻ منفرد موضوعن جي ڪري ضرور مڃتا ماڻيندو. قادر سيال جهڏائي "آسن جي آسمان" تي جس لهي.

راجا پيشم ميگهواڙ



www.sindhsalamat.com

# نفيس جذبن جو شاعر قادر سيال

شاعري اظهار جو شاندار وسيلو آهي. پر اندر جي احساسن، اڌمن، ڏکن، تڪليفن، پيڙاهن، ڪيفيتن ۽ جذبن جو اظهار شاعر پنهنجي تخليقي فن سان نهايت ئي شاندار انداز سان فقط شاعري ذريعي ئي پيش ڪري سگهي ٿو. بقول بابا بلي شاهه جي ته "اِڪ نقتي وچ ڳل مڪدي هي" سموري حياتي جي پيار، عشق ۽ محبت کي چند سٽن ۾ بيان ڪري وجهڻ جو ڪم هڪ شاعر ڪانسواءِ ٻيو ڪير ڪري سگهي ٿو؟ هن سماج ۾ پيار، پاپوهه، سڪ ۽ اُڪير، قوم ۽ وطن جي مسڪين، مظلومن جي ڏکن کي گهرائي ۽ شدت سان محسوس ڪرڻ ۽ انهن احساسن کي شاعري ذريعي اظهارڻ ۽ عڪاسي ڪرڻ جو شاهڪار فن نازڪ، نفيس ۽ حساس طبيعت رکندڙ قادر سيال جهڏائي تمام بهتر ڄاڻي ٿو. هن جي شاعري به هن جي طبيعت سان مشابهت رکڻ ڪري نازڪ ۽ نفيس آهي. هن سماج جي عڪاسي هن جي شعر ۾

شهر ۾ جيڪو اهل ذر آهي،
سوئي انسان معتبر آهي.

ادب انسان جي لاتعداد اوڻائين کي ڇانگي تيار ڪري ٿو. ادب ئي پنهنجي ڌرتيءَ ۽ وطن جي پورهيتن سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿو. ادب جو گهرائي سان مطالعو ئي ماڻهو ۾ ماڻهپو پيدا ڪري ٿو. ماڻهو منجهه موجود غيرانساني رويا، رجعت پرستي،





جنونيت، انتهاپسندي ۽ غيرجهموري سوچ کي ترڪ ڪرڻ جو آخري ذريعو ادب آهي ۽ ادب ئي انسانيت، ماڻهپو ۽ حقيقت پسندي جا گس ڏيکاري ٿو. سنڌ ۾ رجعت پرستي جي باهه کي اسان جو ادب پنجو ڏيئي سگهي ٿو. ان جو مقابلو فقط ڪتاب ئي ڪري سگهن ٿا. شاعر لفظ شعور مان نڪتو آهي. تنهڪري جيڪا شاعري هن سماج کي شعور جي لاٽ سان روشن ڪري ٿي اها ئي شاعر ۽ شاعري جي جيت آهي.

ٻولي سلامت هوندي ته ادب حياتي ماڻيندو. قومن کي ادب ئي زنده رکي سگهي ٿو. فرانس، روس، چين، ويٽنام سميت دنيا جي ٻين انقلابن ۾ ادب جو شاندار ڪردار رهيو آهي. انقلابي تحريڪن جا جوش ۽ جذبا فقط مزاحمتي شاعري اپارڻ جي طاقت رکي ٿي. تيونس جي تحرير اسڪوائر جو ڏکو عوامي احتجاج اُتي جي مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر ابوالقاسم الشهابي جي نظم جو نتيجو هو جنهن نظم کي اُتي جي نوجوانن پنهنجي شرٽن تي پينٽ ڪرائي ڇڏيو هو. ان مان ثابت ٿيو ته شاعري ۾ وڏي طاقت آهي. فقط ان جي اهميت کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. انتهاپسندي ۽ جنونيت جي انسان دشمن سوچ کي هن وقت صرف ادبي هٿيار قلم ۽ ڪتاب سان بچائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب "" ۾قادر سيال جهڏائي جا احساس، جذبا، ڪيفيتون، خيال، فن ۽ فڪر سڀ جس لهن. سندس ڪتاب "آسن جو آسمان" پنهنجي اهميت ۽ افاديت سان پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهيندو.

**محب ڀيل**
**جهڏو**

# سچ ۽ سونهن جو شاعر: قادر سيال جهڏائي

قادر سيال جهڏائي نثر توڙي نظم ۾ خوب لکيو آهي ۽ واهه جو لکيو آهي. هو گهڻي وقت کان شاعري سرجيندو پيو اچي ۽ ان سان گڏ هن جو قلم نثر ۾ نون موضوعن تي نراليون تحريرون لکڻ واري ڪرت سان لڳل آهي. هن ۾ لباڙون هڻي پاڻ پڏائڻ، گلاخوري ۽ خودثنائي واري عادت بنهه ناهي، هو ته بس لکندو پيو وڃي، پوئتي مڙي ئي تو ڏسي، پنهنجي ادبي حيثيت جي ماپ تئو ڪري. سنڌ جي پلوڙ ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار اختر حفيظ جي چوندو آهي ته ليکڪ کي کپي ته لکندو رهي. بنا اهو ڄاڻڻ جي ته سندس ادبي قد ڪيترو آهي. سو قادر به لکڻ واري ڪرت ۾ لڳل آهي. ۽ ادبي کيتر ۾ تخليق جا گلاب پوکيندو وڃي.

ڪتاب "آسن جو آسمان" ۾ سندس اها شاعري شامل آهي. جيڪا هن ادبي دنيا ۾ پير پائڻ کان وٺي هيل تائين سرجي آهي. سندس شاعري ۾ خيال جي اُوچي اڏام سندس تخليقي سگهه کي وڌايو آهي. توڙي جو هاڻي نئين ٽهي جي سرجڻهارن جو لاڙو آزاد شاعري ڏانهن آهي پر قادر سيال پابند شاعري، اڪثر غزل لکيا آهن. ۽ انهي سان نڀايو اٿس. سندس شاعري ڪٿي ڪٿي ته موکي جي مٽن جهڙا خمار چاڙهيو ڇڏي. لڳي ٿو ته ڄڻ ڪنهن سونهن چاندوڪي رات جو آرس موڙي هجي:

ململي هو ويس ۾ پٽ مٿي پڇندي رهي،
اپ راضي هو گهڻو، برسات هئي ڪيڏي پلي.

ٿو سگهجي:

ڄاڻي واڻي پاڻ کي مون هارائي هو ڇڏيو،



www.sindhsalamat.com



شاعري ۾ خيالن جي گهرائي ئي پڙهندڙ کي موهي ٿي. جڏهن سندس شاعري ۾ اهڙا خيال پڙهڻ لاءِ ملن ٿا ته واکاڻ کان رهجي

پيار جي ميدان ۾ مات هئي ڪيڏي پلي.

آئون سمجهان ٿو ته قادر سيال جهڏائي جهڙن نوجوان شاعرن جي حوصلا افزائي ٿيڻ گهرجي. ڪين اها مجتا ملڻ گهرجي جيڪا هو لهن ٿا. آئون سمجهان ٿو ته قادر سيال جي هن مجموعي جنهن ۾ سندس غزل شامل آهن پڙهندڙن وٽ ضرور مان ماڻيندو.

**غلام شبير لغاري**
**ٽنڊوباگو**



www.sindhsalamat.com

## خوش مزاج ۽ مرڪڻو: قادر سيال

قادر سيال جهڏائي جي شاعري ۾ سموري سنڌ جا درد شامل آهن. هي شاعري سان گڏ قادر سيال ڪالم نويس به آهي. شال هي سنڌ جو هي سُريلو ڏات ڏٽي سنڌ جي لاءِ ائين شاعري جا شبنم گلابي گلڙا تخليق ڪري شاعرن جي صف ۾ بيهي پنهنجي الڳ سڃاڻپ ڪرائي هڪ ادب ۾ نئون باب رقم ڪندو رهي.

مون قادر سيال کي خوش مزاج ۽ سدائين مرڪندي ڏٺو آهي. حساس دل رکندڙ ماڻهو ئي هڪ سهڻو ۽ سٺو شاعر ٿي سگهي ٿو. انهي جو سبب اهو آهي ته هو ٻين جا درد پنهنجن ڪلهن تي کڻي ٿو. قادر جا غزل، نظم ۽ وايون تمام سٺا ۽ جاندار آهن. دعا ته قادر شال سنڌ جيڏي جند ماڻي.

**جهان عالم سميجو**

شاعري ان کي چئبو آهي جيڪا پڙهندڙ جي هانءَ ۾ هٺ وجهي ۽ سوچڻ تي مجبور ڪري، پڙهندڙ کي ائين محسوس ڪرائي چڻ شاعر ان جي اندر جي ڳالهه ڪئي آهي. اهڙي شاعري جديد سنڌي ادب جي آڪاش جو هي ستارو اسان جو دوست قادر سيال جهڏائي به ڪري ٿو، هن نوجوان تخليقڪار جا شاعري ۾ پهريان پنڌ ضرور آهن پر اهي پير هن جا ڏاڍا پڪا ۽ پختا آهن. مسلسل لکڻ سان هن نوجوان جي شاعري سنڌي ادب ۾ سٺي جڳهه والارڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

**شوڪت نهال راڄڙ**



www.sindhsalamat.com



## فقيرمنش ڏات ڏٽي

خوشنصيب خِطن ۾ شاعرن جا جنم ٿين ٿا. شاعر پنهنجي ڪلا سان قوم، وطن، حُسن ۽ عشق کي پنهنجن شعرن ۾ پيش ڪري پنهنجي دؤر جي ترجماني ڪن ٿا. قادرسيال جهڏائي گهڻي عرصي کان نثر توڙي نظم ۾ پنهنجي حال سارو ميدان ملهايو اچي. سندس شاعري جي ڪتاب "آسن جو آسمان" ۾ شامل شاعري نهايت ئي وزندار ادبي ڪاوش آهي. آئون دوست کي جس پيش ڪندي اميد ڪيان ٿو ته قادر سيال ادب جي هن سفر کي جاري رکي، سندس قلمي پورهيي کي سنڌ ضرور مان ڏيندي. هن لاءِ نيڪ تمنائون.

**عمر احمداڻي**



www.sindhsalamat.com

# شاعر پاران

زندگي جي سفر ۾ ڪي اهڙي پل ۽ گهڙيون آيون آهن ڪي خوشين واريون ته ڪي غمن واريون، مون محسوس ڪيو آهي ته منهنجي جيون ۾ خوشين جا لمحا تمام گهٽ ۽ غمن جا لمحا وڌيڪ آيا آهن. انڪري مون ننڍپڻ کان ئي ذهني طور وڌيڪ پوڙهو آهي. جنهن سبب منهنجو تخليقڪار ٻڄڻ ٻه وقت ۽ حالتن جو وڏو اثر آهي. آئون ٻالڪپڻ کان ئي حساس ماڻهو آهيان. هن سماج ۾ ڪنهن سان بي واجبي منهنجي تڙپڻ جو سبب بڻجي ٿي. اندر جهري پوندو آهي. سوچيندو آهيان ته مسڪين انسان سان ايڏو انياءُ ڇو؟ ماڻهپو ڪيڏانهن ويو؟ ماڻهن امن جي واٽ ڇڏي رت جو رستو ڇو اختيار ڪيو آهي؟ مون ٻه گهڻي حياتي ڪوڙن ڪيسن ڪي منهن ڏيندي گذاري آهي. ان ذهني عذاب سبب ادبي ڪم تمام گهڻو متاثر ٿيو آهي. زيادتيون هوندي ٻه ان روين تي ڪو ڏک ناهي، ڇو ته ماڻهن جا ڏک اڄان ٻه وڏا آهن. بس اهو يقين آهي ته ڪاري رات کُٽندي، صبح ٿيندو.

منهنجي شاعري جو هي پهريون ڪتاب "آسن جو آسمان" توهان جي هٿن تائين پهتو آهي. هن شعري مجموعي ۾ ڪجھ نئين ته ڪجھ پُراڻي شاعري شامل آهي. گهڻي شاعري ۽ مضمون ته 2011ع واري ٻوڏ جي نظر ٿي ويا. مونکي منهنجي شاعري جيتري هٿ آئي اوهان تائين پهچائي اٿم. شاعري ڪهڙي آهي؟ اهو اوهان کي فيصلو ڪرڻو آهي. شاعري جي سفر ۾ همٿائيندڙ دوستن راجا پيشم ميگهواڙ اخترحفيظ محب پيل، فقير غلام حيدر لغاري، ايف سي راٺوڙ صوفي اصغرکوسو، فقيرسليمان لغاري، غلام شبير لغاري، عثمان راهوڪڙو، علي جان لغاري، جي ايم هوت، عمر احمداڻي، اشفاق احمداڻي، جهان عالم سميجو، گل محمد خاصخيلي، حنيف عاطر، شوڪت نهال راڄڙ، ڪرم ڪلوئي، سيدپناهه شاهه ڏاڏاهي، معصوم ٿري، پورو ربِاري، جبار تاثيرسومرو، امتياز عادل سومرو، گلزار لطف سيال، رفيق سيال، سيال حيات، غلام شبيرسيال، ذوالفقار گاڏهي، مٺوسانگهڙائي، راجن مگريو، سائين فيض محمد ٽالپر، اياز کوسو، بابو فيض محمد سيال، شمس مگريو، غلانبي سيال، استاد نظاماڻي، مبين وساڻ، آڪاش علي نواز چانديو، سميت دوستن پهلاج ڪولهي، رٽشال ڪولهي، موهن ڪولهي، نيمداس ڪولهي،چيلارام رباري، ميگهراج رباري، واگهو رباري، فقيرعطامحمدسنجراڻي اشوڪ رباري، ميرحسن کوسو، محمد سيف سيال، محمد ڪيف سيال، رضا سيال، اعجاز سيال، امام بخش سيال، فقيرسليم سيال، جو نهايت ٿورائتو آهيان.

محبتن جو قرضي

**قادر سيال جهڏائي**

03023312940

## غزل

زلفن جي ٽڏڙي ڇانءَ جو، احساس پنهنجو آ
دردن ۾ گهيريل هانءَ جو، احساس پنهنجو آ

ساري جڳ جون ريتون رسمون، سڀ اورانگهي تو
ڇڏيون
هٿڙن تي لڪيل نانءَ جو، احساس پنهنجو آ

آسن جو آسمان آ، ڪڪرن کان اڄ پڻ وانجهيل
خالي چونري ۽ ٿانءَ جو، احساس پنهنجو آ

صدقو ڏجي ته ڪهڙو گهر آهي منهنجو خالي
وڻ تي بڪايل ڪانءَ جو، احساس پنهنجو آ

چانڊوڪي شب ۾ تولئه، سندر غزل لکيو مون
"قادر" جي ذات ۽ ڏانءَ جو، احساس پنهنجو آ

****



www.sindhsalamat.com



پلڪن جي آ جهروڪن، سپنن جي آجيان
ڪئي
تنهنجي خوشي جي لاءِ، دردن جي آجيان ڪئي

اڄ پڻ بهار رت کي، نيڻن سان مون چميو آ
گل گل جي آجيان ڪئي، پن پن جي آجيان ڪئي

خاموش منهنجو جيون، بي اعتبار ٿي ويو
دل تان لهي ويا تن، لمحن جي آجيان ڪئي

تنهنجو بدن مقدس، منهنجي نظر ۾ آهي
هر رهگذر تي تنهنجي، قدمن جي آجيان ڪئي

دوکو فريب ڪادو، جن کان پرين سفر ۾
ڏس حوصلو اسان تن، نيڻن جي آجيان ڪئي

تنهنجي عمل تہ مون کي "قادر" قرار بخشيو
جيڪي ڪڍيا تو منهن مان، لفظن جي آجيان ڪئي

****



www.sindhsalamat.com

ڪيو آ غم مون وصول جانان
هي تنهنجو تحفو قبول جانان

ڦٽائيجي نہ ڪڏهن بہ ڪنهن سان
اسان جو آهي اصول جانان

جتي نہ تنهنجي مهڪ اچي ڪا
اتي رهڻ آ فضول جانان

خيال اونداهہ راتين جو
ٿين ٿا تنهنجا نزول جانان

ٻڌايان ڇا مان تہ توکان پوءِ
هي دل آ ڏاڍي ملول جانان

عجيب "قادر" جي ڪيفيت آ
عجب آ رنگ رتول جانان

****





هڪڙي دل جا ڪيڏا ٿيا هن ٽڪرا ڏس
پوءِ بہ جيئڻ جي جڳ ۾ آهي آشا ڏس

شام جو موٽي ايندو آهيان پنهنجي گهر
ڪيڏي سوڙهي ٿي وئي آهي دنيا ڏس

اميدن جا گل سڪي ويا هر گس ۾
دل جو گلشن ٿي ويو آهي صحرا ڏس

ڪيئن سنڀاليان پنهنجي وهندڙ ڳوڙهن کي
ريزا ريزا ٿي ويا آهن سپنا ڏس

ايڏو سولو ناهي وسارڻ ساجن کي
دل تي آهن گهاءُ اڃان ڀي گهرا ڏس

خوشين کان محروم وڇوڙي ڇا تہ ڪيو
دردن جا چئوپاسي آهن گهيرا ڏس

"قادر" پنهنجي نيڻن کي سمجهايو پر
روز تڪيندو آهيان تنهنجا رستا ڏس

****

پنڇي آهي جو آشياني تي
سو تہ ماري جي آنشاني تي

ڪو بہ الزام هي رکي ٿو سگهي
دوش ناهي پرين زماني تي

ٽوڙي رسمون سگهو تون اچ مون ڏي
وقت پنهنجو نہ ڪٽ بهاني تي

مونکي آهي وڏو فريب مليو
ڇا لڪان پيار جي فساني تي

****





شهر ۾ جيڪو اهل ذر آهي
سوئي انسان معتبر آهي

جت ملي ٿو سڪون هن دل کي
سوئي نيڻن ۾ تنهنجو گهر آهي

شوق جاڳيو پيئڻ جو آ ڏاڍو
بند چو مئڪدي جو در آهي

هڪ ڦڙو ناهي واهہ ۾ پاڻي
خالي هاري جي هٿ ۾ هر آهي

من اجايل رهي ٿو هي منهنجو
ڇڻ تہ سيني اندر ٿر آهي

ڪوئي "قادر" هجي ٻُڌڻ وارو
داستان پنهنجو مختصر آهي

****

ياد ڳوڙها درد سپنا ويو ڇڏي
ننڊ اکڙين مان ڪو ماڻهو ويو ڇڳي

ڪيترو سفاڪ ۽ چالاڪ هو
چالبازي سان ويو آ دل ٺڳي

ماڻهو هر ڪو اجنبي هن شهر جو
پنهنجو پاڇو پيي ٿو ڌاريو اڄ لڳي

ڏاڙو پاڙي تي لڳي ويو دوستو
مرد غازي سنڌ خاطر ڪو اٿي

سامراجين جيئن سڪايو، دل سنڌو
خواب پيرن ۾ لتاڙيو پئي وڃي

ٽيو سگهيون هن کان پڇڻ، هو ڪير هو؟
جيڪو ويو آ تنهنجي دل ۾ گهر اڏي

****



www.sindhsalamat.com



لڙڪن جي برسات نڪرندي
تنهنجي جي بارات نڪرندي

پوڙهي ور کي ننڊ سمهاري
ناري ڪا اڌ رات نڪرندي

سائل آهيون حسن تنهنجي جا
پلجي ڪا خيرات نڪرندي

توسان منهنجا نيڻ مليا هن
گهر گهر هڪڙي بات نڪرندي

مرڪي "قادر" وٽ تون آئين
خوشبوءَ جهڙي ڏات نڪرندي



www.sindhsalamat.com

دربدر آهيون اسين
چڻ قمر آهيون اسين

نيڻ پرندا رات جا
باخبر آهيون اسين

ظلم نياڻين تي رڳو
معتبر آهيون اسين

ڇو سنڌو ويران ٿئي
ڪجهه اگر آهيون اسين

هٿ وڍايون پيا رڳو
باهنر آهيون اسين

جو ٿئو معني رکي
سو اکر آهيون اسين

شام ڇو آهين اداس
نوحاگر آهيون اسين

*





تنهنجي مک تي حجاب ڪيئن پڙهان؟
شاعري جو ڪتاب ڪيئن پڙهان؟

چنڊ چهرو لڪل آ چنري ۾
تنهنجي چپ تي جواب ڪيئن پڙهان؟

شهر سارو نه ٿي وڃي خوشبوءِ
زخم جهڙا گلاب ڪيئن پڙهان؟

ڏينهن وارا ستم ٿو ياد رکان
رات وارا عذاب ڪيئن پڙهان؟

شهر يوسف جي تون رهڻ واري
تنهنجو سارو شباب ڪيئن پڙهان؟

خوف لڙڪن جو ٿو رهي هر پل
پنهنجي جيون جو باب ڪيئن پڙهان؟

روشني جو اتو پتو ناهي
زلف جهڙو سحاب ڪيئن پڙهان؟

ڳالهه "قادر" جي سمجهه کان ٻاهر
توکي عالي جناب ڪيئن پڙهان؟

هاءِ اڏورين آسن تي
وقت ڪٽيو مون واٽن تي

پرت جو پياسي هڪڙو پکيئڙو
لات لنويو پي لامن تي

سارِيو ويٺو لڙڪ وهايان
توسان گذاريل شامن تي

رت ۾ لٿڙيل لاش ڏسي ٿي
ڦهر ڪو گذريو مائن تي

پل پهر جو واعدو تنهنجو
پهتو وڃي چو سالن تي

“قادر” وقت سو ڪيئن وساريان
روز ستو ٿي ٻانهن تي

****





ون رکيو ٻاهر قدم پهريون دفعو
مون ڪنيو هٿ ۾ قلم پهريون دفعو

چانڊني جو رقص هن ڏرتي مٿان
مون ڏٺو رب جو قسم پهريون دفعو

رات اڇٽو هو مگر پهتو نہ هو
مون تي ٿيو هي ستم پهريون دفعو

هر ڪو محفل ۾ ڪندو ڳالهيون رهيو
نيٺ پرزا ٿيو ڀرم پهريون دفعو

ڳالھ ٿوري تان اجايو اڄ وري
ويو رسي مون کان صنم پهريون دفعو

بيوفا کي ڇا خبر “قادر” سيال
هجر ۾ ڪيڏو رنم پهريون دفعو

درد ڳوڙها ساهه ٽڏڙا، زندگي صليب تي
ڪنڌا راهن ۾ رکيل ۽ دل لڳي صليب تي

هاڻ توڏي سڀ اڇڻ جون ڪوششون ناڪام ٿيون
چوطرف پٺرا پرين، عاشقي صليب تي

اڄ اکين جي سيم مان تون اڏامي وئين هليو
آ گسن تي ڏاڀ اونداهه، روشني صليب تي

ڪين هاڻي هو ايندئي ديپ چڏ سڀ اِجهائي
ڳالهه شايد وئي وڌي دلبري صليب تي

رخصتي ٿي ان سندي دهل ۽ شرنائن سان
مرد پوڙهو پاڻ ابهم ڇوڪري صليب تي

جام پي مدهوش ٿي ۽ درد هلڪا ٿي ڪيا
جڳ ڪلي "قادر" پيو مئڪشي صليب تي

⁂





لار لڙڪن لار سان ايندي رهي
سار پويان سار سان ايندي رهي

وئي گهڙي ۾ ڇوڪري ڇپياٽجي
هو جي پويان ڪار سان ايندي رهي

ڇوڙيا ڪنهن سائنڻ پنهنجا وار اڄ
روشني مهڪار سان ايندي رهي

هن جڏهن پي پيار مان پاڪر وڌو
هير ڪا ٽڏڪار سان ايندي رهي

مونکي محفل ۾ ڏسي "قادر" سيال
ڇوڪري هڪ هار سان ايندي رهي

⁂

اڄي غم جي دل ۾ ٽڪي رات آ
نہ ڪنهن پل ويچاري سُتي رات آ

نہ محفل ۾ هاڻي مزو ڪو رهيو
سواءِ تنهنجي ڍوليا ڦڪي رات آ

ڪو خوشين جي آغوش ۾ آ ست
ڪو بي چين ويٺو سڄي رات آ

اسان جي خبر چندڊ تارن کان پڇ
نہ دردن سندي هي ڪٿي رات آ

نہ انجام تي ڪونہ پهتي مٽي
عذابن جي مون تي لٿي رات آ

رڳو لڙڪ آهون يري جهول ۾
نہ قادر ڪا راحت ڏني رات آ

****





اڄ رات نہ ايندي تون، پريات نہ ايندي پوءِ
هن ڌرتي پياسي تي برسات نہ ايندي پوءِ

هڪ خواب لڌو اکڙين، گڏجڻ جو پرين توسان
تعبير ڪڏي ڏيندين تہ مات نہ ايندي پوءِ

تون زلف نہ سوارين ٿو، مرڪي نہ نهارين ٿو
دل گيت لکڻ چاهي پر ڏات نہ ايندي پوءِ

تو نيڻ پرين ٻوٽيا الفت نہ رهي تو ۾
خوشين ڪي پرين ڪڏهن بارات نہ ايندي پوءِ

محفل تہ متل آهي، آئين نہ اگر اي دل
ان جوءِ ۾ "قادر" منهنجي ذات نہ ايندي پوءِ

****

گھٽي ۾ هوندي ملي نہ سگھيو ڪو
پڪي ڏنڊ تي پي پياسو رهيو ڪو

وري هن جي نڪرڻ تي بندش لڳي آ
آ شايد نئون آ فسانو ٿيو ڪو

اجان ڪيڏي خوشبو بدن مان اچي پئي
ڪئين سال اڳ واٽ ويندي مليو ڪو

بزم ڪنهن ۾ ڪلهہ پي ذڪر منهنجو آيو
وٺي منهنجو نالو پو ٿورو ڪليو ڪو

مهذب دنيا جو هي الميو ڏسو
مري ويو آ ٻالڪ شهر ۾ بکيو ڪو

ڏئي مات جڳ کي ڪيم توکي حاصل
پرين خوش قسمت هي "قادر" هيو ڪو

⁂





مرڪ پرين جي پيار گھري ٿي
سارو چڻ سنسار گھري ٿي

هيل گھٽي ڪان تنهنجو پڇيم
ڪھڙو پئي انتظار گھري ٿي

تنهنجي ڪومل سندر جواني
مهندي جي مهڪار گھُري ٿي

بنگلو ڪو يا ڪار آچي پر
دل تہ فقط دلدار گھري ٿي

منهنجو آهين مونسان رهجان
"قادر" دل هر بار گھري ٿي

⁂

جنب مون گذاري ڇڏي حاضري ۾
ڪڏهن اچ دل جي پرين ماڙي ۾

نهاريو نہ ڪيڏانهن، ڏٺو نہ ڪنهن کي
ڪٽل نيڻ منهنجا هئا سانوري ۾

ڪڪائي پهي تي پئي جهار هڪلي
فصل عشق جو آ پڪو ٻاجهري ۾.

لڳو چڻ تہ ڪڪرن پٺيان چنڊ هوڪو
ڪنواريون نگاهون ڏنم چادري ۾

ڏنم درد توکي پلا ڪهڙا ”قادر“
ڏکن جي ڪٿا پيو لکين شاعري ۾

*





عشق جي بن ۾ گهڙيا آهيون اسين
سڪل ڪاٺين وانگر سڙيا آهيون اسين

توکي چاهڻ جي سزا ڪيڏي ملي
تنهنجي پاڙي مان تڙيا آهيون اسين

ذڪر تنهنجي تي رڳو رويو پوان
شهر وارن مان اڙيا آهيون اسين

پيار جي درياهہ ۾ غوطا کائي پڏي
لاش ڪاري جيان لڙهيا آهيون اسين

توکان پوءِ اهڙو حشر دل جو ٿيو
چڻ ڪڙهائي ۾ ڪڙهيا آهيون اسين

صرف تنهنجي چاهہ ۾ منهنجي مٽي
غم جي سولي تي چڙهيا آهيون اسين

نفرتن جي شهر ۾ هي حوصلو
گهر ٽٽل وانگي جڙيا آهيون اسين

هن جي چاهت ۾ رڳو قادر سيال
ساري دنيا سان وڙهيا آهيون اسين

****

شام اُفق ۾ تنهنجو چهرو وڻندو آ
چڻ تہ ندي تي چنڊ جو پاڇو وڻندو آ

رات انڌيري تنهنجون يادون ۽ سوچون
تنهن پل تنهنجو سهڻو سپنو وڻندو آ

ننڊ اکين مان پنڇي وانگي اڏري وئي
پوءِ بہ اماڻيل جاڳ ۽ ڳوڙهو وڻندو آ

هيل بہ سانوڻ منجهہ ملڻ مون چاهيو ٿي
چو تہ اوهان جي من جو ڪاچو وڻندو آ

تنهائي ۾ پنهنجي گهر ڪي جانچيندي
پيارا تنهنجو هر گل دستو وڻندو آ

هن سرتين سان ڳالهہ ڪئي پي محفل ۾
ڳوٺ جو هڪڙو قادر سهڻو وڻندوآ

****





چنڊ صنم جي ڳولا ڪر
مون لئہ غم جي ڳولا ڪر

چانڊوڪيون ۽ چيٽ چڏي
ٻي موسم جي ڳولا ڪر

تو بن سانوڻ گذري ويو
ڪنهن آگهم جي ڳولا ڪر

جنهن ۾ پنهنجو عڪس هجي
ان ڪالم جي ڳولا ڪر

ڪهڙي بستي آهي هي؟
اُت آدم جي ڳولا ڪر

****

منظر سھڻا تنھنجي اکين جا ڪئين وسرن
چانءَ وڻن جي ٻول پکين جا ڪئين وسرن

رات وڇوڙي واري ٻيو، برسات مٿان
نقش ڳلن تي تنھنجي چمين جا ڪيئن وسرن

مون لئہ منظر ڪيڏو ھو سو درديلو
شرناين ۾ گيت سڪين جا ڪئين وسرن

چرڪ ڀري مان جاڳي پوان ٿو جنھن ٽاڻي
جھرمر تارا تنھنجي سڳين جا ڪئين وسرن

دل جا ڪولي ورق پڙھان ٿو روزانو
سيني تي ھي زخم صدين جا ڪئين وسرن

قادر ڪنھن جو جوڀن آھي نيڻن ۾
بارش وسندي رقص ندين جا ڪئين وسرن

****



www.sindhsalamat.com



اسان جي ڦٽن ڪي اڪيڙي وئي آ
جفا جو رڳو تير ڪوڙي وئي آ

سگھيو ناھيان ميڙي اڃان دل جا ٽڪرا
ڀڳل شِشي وانگي ھو ٽوڙي وئي آ

رھيو ھوش ناھي اکين کي جڏھن کان
ٻڏل وار خوشبو ۾ ڇوڙي وئي آ

سڄي رات سڪندي اسان جي آ گذري
بکيا دل جا جيڪي اڌيڙي وئي آ

گلابي بدن تي نچي چاندني اڄ
سوين رنگ پنھنجا پکيڙي وئي آ

پڙھي خط منھنجو ڏئي پير ھيٺيان
ڪنول جھڙا جذبا لتاڙِي وئي آ

ڪٽي خواب قادر اميدن جي ٻيڙي
رڳو درد جي ڪن ۾ ٻوڙي وئي آ

****



www.sindhsalamat.com

درد اندر ۾ پڙڪن پيا
پنڇي ڊِندي ۾ تڙڳن پيا

خواب نگر ۾ آيو آ
نيڻ اسان جا مرڪن پيا

ائٽم بم جي دور ۾ اڄ
هانو سين جا ڇرڪن پيا

پير سنڀالي هلندو ڪر
نانگ ٻرن ۾ سرڪن پيا

درد اسان جي دل ۾ آهن
جيئن ڪي تارا چمڪن پيا

دنيا وارا پيارا جا ويري
لوڻ ڦٽن تي ٻرڪن پيا

قادر اڪثر يادن ۾
لڙڪ اکين مان نڪرن پيا

****





سپنن ڪي ڪي راهون ملنديون
جيڪر تنهنجون ٻانهون ملنديون

مونکي جي تون چاهين پيارا
توکي ڪوڙ دعائون ملنديون

هو جي منهنجي پر مان گذري
خوشبو جون ڪي هڳائون ملنديون

منهنجو جيون مرڪي پوندو
زلفن جون ڪي چائون ملنديون

قادر تنهنجي پر ۾ ويهندو
جنت جون ڪي هوائون ملنديون.

****

سهڻي ڇوڪري مُرڪي پئي
بِندِيان هن جي چمڪي پئي

ڪنهن انوکي محفل ۾
ڇير پرين جي ڇمڪي پئي

گهر کان ٻاهر نڪري هو
ماک ڦڙن ۾ وهنجي پئي

چانڊوڪي ۾ آئي آهي
چنبڙ جيان ڏس جرڪي پئي

شايد هُن اڄ ساريو آهي
اک سچو ڏينهن ڦڙڪي پئي

ڪمرو روشن ٿيندو وڃي پيو
پوتي سر تان سرڪي پئي

قادر روز ڳلائون ڪري ٿي
لوڻ ڦٽن تي ٻرڪي پئي

❋





ننهن کان چوٽي تائين سنواري آيو آ
پنهنجو پهريون واعدو پاري آيو آ

ٽوڙي بندش مجبورين جي ڪاتين سان
ساري ڳوٺ کي ننڊ ۾ سمهاري آيو آ

سالن کان پوءِ تنهنجي زيارت مون آ ڪئي
منهنجو جڏو جيءَ جياري آيو آ

پرچڻ جي لاءِ عرض گذارش منت ڪيم
پنهنجي انا کي نيٺ هو ماري آيو آ

پيار جا سڀ معصوم پکي محفوظ رکيا
نفرت جو هو باز اڏاري آيو آ

هن کي ڪجھ احساس ٿيو آ "قادر" سيال
خوب اکين مان لڙڪ هو هاري آيو آ

❋

ٿي ويون رات گم هڪڙي منظر ۾ اکيون
تڏهن هن جون آهن ٿڪيل در ۾ اکيون

جهلڪ هڪڙي ڏيئو ڏسڻ لئه مان آهيان
لڪائي نه پنهنجون تون چادر ۾ اکيون

نه سڪ ٿي آ پوري، اجان تائين دل جي
رهن ٿيون رڳو بس هي دلبر ۾ اکيون

صفا هت وڇوڙي جي موسم وڌي ٿي
رلايون ٿا ڪنهن جي ڪري بر ۾ اکيون

نه واپس وڃي ٿا سگهون ماڳ پنهنجي
وڃائي ڇڏيوسين پنهنجون ٽر ۾ اکيون

پري ڪونه ٿينديون مٺي پل ۾ ڪو توکان
ويون اٽڪي هي تنهنجي ته گهاگهر ۾ اکيون

مليو چاهتن مان لکيل خط تنهنجو
وڃائي آ ويٺو ڪو ڪاگر ۾ اکيون

ڪري هرڪو واڪاڻ پرپٽ تو "قادر"
ٿيون مشهور تنهنجون سڄي ٽر ۾ اکيون





جوت جذبن ۾ مچائيندين ته اچبو
دونهين زندگي جي دکائيندين ته اچبو

ڪدورت ۽ ڪيني کي پاسي رکي بس
محبتي ڪا محفل سجائيندين ته اچبو

منهنجو ديس آهي گهيرن ۾ هي گهيريل
ڳجهن کي ڳوڙن مان اڏائيندين ته اچبو

اونداهه رات ڪاري جا پرزا ڪري اڄ
شمع روشني جي جلائيندين ته اچبو

متان سنڌ واسي ميارون ڏين پوءِ
دوست پنهنجو واعدو نڀائيندين ته اچبو

"قادر" دل جي ڏرتي آ لڙڪن سان ڌوتي
وري ٿڪ ڏيئي ڪلائيندين ته اچبو

چانڊني رات ۾ اڇ سڪي باغ ۾
آجيان سڀ ڪندا هٿ پڪي باغ ۾

ٿا اندر ۾ ٻرن وڏ وڇوڙي ڪئين
مون ته ٿاندبن مٿان دل رکي باغ ۾

ڏک پچائي سگهيا ڪونه آهيون اڃان
رات ڪنهن دل اسان جي ڳڪي باغ ۾

ماس ڪوري رکيوسين اوهان جي اڳيان
ملندو نه اهڙو ٻيو ڪو سخي باغ ۾

چنڊ ڇهرو نه وسري سگهيو آ ڪٿي
جنهن مٿان شاعري مون لکي باغ ۾

جيئن چُني مک تان تو آ هٽائي پرين
ڄڻ ٻري چوطرف آ بتي باغ ۾

ڳوٺ آ سوڳ جي ننڊ ۾ پڄ سِگهي
دل وري درد "قادر" ٻکي باغ ۾


www.sindhsalamat.com



پرين ياد آهي سلامت اوهان جي
سنڀالي رکي مون امانت اوهان جي

گلابي اکين جا اشارا ڇهن ٿا
وساريان ڀلا ڪيئن محبت اوهان جي

عجب زندگي جو نشو آ تاري
ڪيان روز ٿو مان زيارت اوهان جي

اکين سان پيارين ٿو، جام تون مونکي
مثالي پرين آ سخاوت اوهان جي

مون چاهيو اوهان کي سدا روح سان آ
اجائي پيارا شڪايت اوهان جي

ٻڏي سڏ منهنجو اچين ٿو او تاري
هي "قادر" تي آهي عنايت اوهان جي

*


www.sindhsalamat.com

وڇوڙن جون هي پوڳنائون پرين
الائي تہ ڪهڙيون سزائون پرين

ڪسي چين آرام دل جو ويون
اوهان جي بدن جون هڳائون پرين

اوهان جي حياتي بهارن جيان
اسان جا هي سپنا خزائون جيان

ڪٿي سوچ دل جي تہ هر ڪا اوهان تي
اوهان ڪي ناهن پيون واهون پرين

تنهنجي شهر آيو ملين ڪونہ تون
ڪيون ڪوڙ "قادر" پچائون پرين

*





پرين جون پچارون سٺيون ٿيون لڳن
خيالن اڏارون سٺيون ٿيون لڳن

اکين کي نہ وسريو آ منظر هٽيلو
سڄڻ جون نهارون سٺيون ٿيون لڳن

وڇوڙي ۾ تنهنجي اسان کي هتي
نہ هاٽي بهارون سٺيون ٿيون لڳن

اچن مون ڏي خوشبو هي تنهنجي ڪٽيو
تڏهن لڙڪ لارون سٺيون ٿيون لڳن

اوهان جي هٿن تي چٽيل ميندي سان
گلن جون قطارون سٺيون ٿيون لڳن

ڪريان ڳالهيون تصوير تنهنجي سان تو
هي تنهنجون سنيارون سٺيون ٿيون لڳن

*

درد جي هيراڪ دل
آ منهنجي رولاڪ دل

هوءِ رکي تي پاڻ وٽ
ڪيتري چالاڪ دل

هي ڏکن جو سلسلو
۽ منهنجي بيباڪ دل

تنهنجي آ تصوير بس
تون ڪري ڏس چاڪ دل

چاهتن جو اڄ وري
پئي گهري پوشاڪ دل

*


www.sindhsalamat.com



پرين جي اچڻ سان اجالا ٿا چمڪن
اکين ۾ ستارا نرالا ٿا چمڪن

وٺو مينهن، سارو ننگر رقص ۾ آ
عجب دل ۾ لهندڙ جمالا ٿا چمڪن

چپن تي رکو نانءُ تنهنجو رهي تو
اڃان تائين تنهنجا حوالا ٿا چمڪن

ڏسو ڪيترو آهي پرنور منظر
ڇا تنهنجي ڪنن جا هي والا ٿا چمڪن

جڏهن ٻه وڃون ٿا اسان مئڪدي ۾
اسان جي هٿن ۾ پيالا ٿا چمڪن

ڪري پنڌ تو وٽ پرين آيو آهيان
اڃان تائين پيرن جا ڇالا ٿا چمڪن

وطن لاءِ قربان ٿيا جيڪي "قادر"
انهن جا ئي دنيا ۾ نالا ٿا چمڪن

*


www.sindhsalamat.com

هن جي مرڪي وار چوڙيا رات جو
شهر ساري گل ميڙيا رات جو

ڪونہ تڪبي هئي چميون ڏيندي چري
ان ئي آهن خط ساڙيا رات جو

گل وچائي واٽ تي رکندي هئي جا
تنهن بہ ڪاوا هن پڪيڙيا رات جو

ياد تنهنجي دل جي آڳر تي لٿي
درد مون سان رشتا جوڙيا رات جو

روشني ”قادر“ لڪي وئي ڪٿي
ڪنهن اکين ۾ تير ڪوڙيا رات جو





اکين ۾ تا ڳوڙها سڄي رات جاڳن
پرين هي وڇوڙا سڄي رات جاڳن

مسئلو آ تو تائين پهچڻ بہ جانان
گهرن ۾ تا پوڙها سڄي رات جاڳن

اجان تائين ٻوڙي ٽڪا ڪونہ آهن
خيالن جا گهوڙا سڄي رات جاڳن

اونداهي ۾ اڪثر سندو جي ڪناري
حسينن جا جوڙا سڄي رات جاڳن

خيالن ۾ ”قادر“ ڏڄي ويندو آهيان
تا ڏپ جا هتوڙا سڄي رات جاڳن

تنهنجي بي حجاب نيڻن ۾
رات جاڳيا پي خواب نيڻن ۾

هي جدائي درد جا قصا
وقت لکندو عذاب نيڻن ۾

تنهنجون يادون ڪٽي ٽيون اڇن
لڙڪ ڏسي بي حجاب نيڻن ۾

تون جي مرڪي ته ٽڙي ٽا پون
سور بڻجي گلاب نيڻن ۾

پيار تنهنجو ائين آ قادر لئه
جيئن هجي ماهتاب نيڻن ۾

⁂





سمنڊ هي عوامي اٿندو ته ڏسجان
توکان حق پنهنجو وٺندو ته ڏسجان

سدا تو سنڌين جون جلايون هن بستيون
هاڻي ڪوٽ تنهنجو ڪرندو ته ڏسجان

جلي ويندين تنهنجي قهر جون ڪٽائون
هماليه جبل هي ڏڪندو ته ڏسجان

منهنجي سوچ ۾ تو ٽپائي رهي بس
تنبورو آزادي جو وڄندو ته ڏسجان

آهي سيال "قادر" سڄي سنڌ جاڳي
سنڌو جو به جوڀن ورندو ته ڏسجان

⁂

ننڊ ۾ هئي سڪي پير واپس ڪيم
پاسي ۾ گل رکي، پير واپس ڪيم

آرزو دل جي پوري ڪئي اڄ خدا
تنهنجا هٿڙا چمي، پير واپس ڪيم

شهر تنهنجو هو پري مگر راهه ۾
غم جو ويو سج اُلهي پير واپس ڪيم

من اندر هئي سڪ تنهنجي ڏاڍي مگر
غير سان گڏ ڏسي، پير واپس ڪيم

ويو سڪرات ۾ پيءُ جي "قادر" سيال
خبر شادي جي پئي، پير واپس ڪيم

٭





تنهنجي اکين ۾ جوت ڏسان مان
پل پوءِ پنهنجو موت ڏسان مان

منهنجي ڏکويل جيون ۾ تون
خوشين جا پل اوت ڏسان مان

تنهنجي ڳوڙهن ۾ آ خوشبو
منهنجي سامهون رو تہ ڏسان مان

پيرن ۾ هئا ڇالا پوءِ پيي
سسئي چاهيو هوت ڏسان مان

خواب جو مونکان وڇڙي ويو
هڪڙي ڀيري سو تہ ڏسان مان

تنهنجا جلوه چئني پاسي
محفل ۾ ٻيا چو تہ ڏسان مان

مرهم جو زخمن تي رکي
قادر اهڙو ڪو تہ ڏسان مان

٭

ايندي هو اڏ رات اکين پي ڳالهايو
ويندي ٿي پريات اکين پي ڳالهايو

تڙپيو آهيان توکي ڏسڻ لاءِ سالن کان
قابو ڪيم جذبات اکين پي ڳالهايو

پينگهه وفا جي لوڏيندي ۽ پيار ڪندي
لهندي پوءِ ڪا ڏات اکين پي ڳالهايو

پيار جو تاڙو ڪيڏو اجايل آمن ۾
وسندي ڪا برسات، اکين پي ڳالهايو

ڍاهي نہ سگهندو وحشي دنيا جا طوفان
اندر جا محلات ، اکين پي ڳالهايو

ڏک ٿيو آ لائون لڏيون تو غيرن سان
نڪتي آ بارات، اکين پي ڳالهايو

تنهنجي ڪارڻ زهر جو ڍڪ پِي پي ويندس
بڻجي مان سقراط، اکين پي ڳالهايو

سڌري ويندا "قادر" پڪ سان هڪڙي ڏينهن
منهنجا هي حالات اکين پي ڳالهايو

⁕





بهارن ڪي چئجو وڇوڙو نہ آڻي
اسان جي نہ جوين جواني ڪي ڇاڻي

سفر زندگي جو آ ڏاڍو اڙانگو
اڪيلو تہ گهاري مان سگهندس نہ هاڻي

وئي رات نڪري اجهو سج آ نڪتو
ڇمي هٿڙا تنهنجا اٿون ٿا تہ هاڻي

پڇڻا نہ منجهڻا ۽ منزل تي رسڻا
چيو سچ ڪيڏو آهي ڪنهن سياڻي

ڪري قرب "قادر" سگهو سيال اچجان
چيو محب مرڪي زمانو ڇا جاڻي

⁕

پئي وڌي خودڪشي ديس ۾
ڪيڏو مجبور آ آدمي ديس ۾

روز ڪسجن ٿا ماڻهو اکين جي اڳيان
ڏاڍي سستي آ هت زندگي ديس ۾

مارڪٽ جو رڳو سلسلو پيو هلي
هيل موسم هي ڪهڙي لٿي ديس ۾

دل جي خواهش اها، دل جي مسرت اها
بس گلن جي ڏسون تازگي ديس ۾

نياز نوڙت محبت دلين ۾ رهي
ڪا نہ ڪنهن سان هجي دشمني ديس ۾

ساز ٻيو نہ ڪپي، راڳ ٻيو نہ ڪپي
طبل امن جو وڄي هر گهڙي ديس ۾

سنڌ منهنجي مقدس نگاهن تي آ
آهي جنت جيان هر گهٽي ديس ۾

ديپ ٻاري وفائن جا قادر سيال
پيا ڪنداسين سدا روشني ديس ۾

✱





گيت گيتن تي لٿا ڏات هئي ڪيڏي ڀلي
چنڊ ٻئي ٻرندا رهيا رات هئي ڪيڏي ڀلي

مرڪ هن جي ڪي ڏسي، رقص پوپٽ آ ڪيو
هاڻ اندازو لڳايو سا تہ هئي ڪيڏي ڀلي

چاڻي واٽي پاڻ ڪي مون هارائي هو چڏيو
پيار جي ميدان ۾ مات هئي ڪيڏي ڀلي

ململي هو ويس ۾ ڀٽ مٿي ڀڄندي رهي
اپ راضي هو گهٽو، برسات هئي ڪيڏي ڀلي

هر صبح جي انگ ۾ رنگ هو من موهيندڙ
پنڇين جي هرطرف لات هئي ڪيڏي ڀلي

✱

رني دل اسان جي سچي رات آهي
ڀري من ۾ تنهنجي وري تات آهي

ڀلي زور پنهنجو لڳائي زمانو
ڪٿي عاشقي کي ملي مات آهي

حياتي سچي تنهنجو احسان رهندو
فقط تنهنجي خاطر ملي ذات آهي

ڏکي هر گهڙي ۾ ڏنو حوصلو آ
اسان کي اوهان جي مٽي ذات آهي

رهيو هر گهڙي نان تنهنجو چپن تي
اسان ڪٿ ٻين جي ڪئي بات آهي

وئي دلڪشي ۾ ٻڌي دل آ "قادر"
اڪين ياد تنهنجي رکي جهات آهي





محفل ۾ ٻه نيڻ مليا پي نيڻن سان
دل جا دل سان راز ڪليا پي نيڻن سان

هر پل ھُرڪيو عشق اسان جي تن من ۾
دردن جا ڪي دود دکيا پي نيڻن سان

منهنجي ڳوڙهن جو ته تدارڪ ڪونه ڪيئي
منهنجا سارا خواب سڙيا پي نيڻن سان

چاندوڪي ۾ هن جو چهرو چا مرڪيو
چڻ ڪي تازا ڦول ٽڙيا پي نيڻن سان

مئخاني ۾ نيڻ نشيلا نيٺ ڪنيئي
قادر ڪيڏا ڀاڳ ڪليا پي نيڻن سان

ويتو ڪوئي يار پڪاري
درياءُ جي هن پار پڪاري

ڪنهن کي ميارون ڏيندو آهين
پيارا تون هر واري پڪاري

گلشن سارو خالي آهي
ڪنهن کي ٿي ههڪار پڪاري

منهنجو جيون خالي خالي
توکي منهنجو پيار پڪاري

محبت اهڙي ريت گهري سون
در تي جيئڻ ٻينار پڪاري

ڪنهن پل شايد موٽي وڃبو
دل سان جي دلدار پڪاري

قادر” سامهون گهر ۾ ڏسجان“
زلفن جو ڪو چار پڪاري

⁕





تو سڪين ۾ رات گهاري
مون اڪين ۾ رات گهاري

بارشن ۾ ڪن غريبن
ڪيئن جهڳين ۾ رات گهاري

ڪيئن نہ تڙپان بستري تي
ڪن چمين ۾ رات گهاري

ڪونہ پهتي باغ ۾ هو
مون پڪين ۾ رات گهاري

تنهنجي ڪارڻ بيٺي بيٺي
مون ڏرين ۾ رات گهاري

اڄ اکين ۾ ننڊ ناهي
ڪلہ گهٽين ۾ رات گهاري

ڪونہ پهتي چنڊ ڏسندي
مون ڪتين ۾ رات گهاري

ڪونہ “قادر” کي ڏٺو مون
بس بتين ۾ رات گهاري

پنھنجي ھلي ڪھاڻي دنيا ڀلي سڙي
سنگت ھجي پراڻي دنيا ڀلي سڙي

تو منھنجي چاھتن جو رکيو ڀرم آ جانان
تو ڏي مندي اماڻي، دنيا ڀلي سڙي

دل تي اثر چا پوندو، الزام لوڪ ڀل ڏي
طبعيت آ عاشقاڻي، دنيا ڀلي سڙي

دل جو ئي واسطو نہ، پر توسان روح جو آ
مون ڏي تون آ سياڻي، دنيا ڀلي سڙي

تنھنجو ساٿ مون لئہ اعزاز ڪو وڏو آ
ٿئي درد لوڻ پاڻي، دنيا ڀلي سڙي

قادر ڪي بس ڪپي ٿي، بيدرد ھن نگر ۾
تنھنجي وفا نماڻي، دنيا ڀلي سڙي





تنھنجي سر تي آنچل آھي
پربت تي چڻ بادل آھي

چنڊ لٿو آ ڌرتي تي ءِ
حسن ۾ ڏاڍي ھلچل آھي

اي تان ڪڪرن چانو ٽڏيري
تو جو پاتو ڪاجل آھي

شايد ڪوئي ڏک اٿس جو
بولو نڪ تان لاٿل آھي

اڄ ڀي ھن جي دل آ ساڳي
اڄ ڀي ايڏو گھائل آھي

جلوو جانب مکڙي جھڙو
شبنم ۾ چڻ وھنتل آھي

جيڏين سان پي ڳالھايائين
"قادر" مون وٽ قاتل آھي

توکي پائڻ جا هيراڪ اسين
چڻ چنڊ جيان رولاڪ اسين

سرمد جي اسان ۾ خوشبو آ
دنيا جي اڳيان بيباڪ اسين

تون سمنڊ جو چڻ آهين حصو
تنهنجي اڳيان آهيون ماڪ اسين

هر روز ٿا ترسن لڙڪ نوان
چڻ دردن جي اوطاق اسين

اسين مورک ماڻهو چا چاٽو
ايڏا ناهيون پرين چالاڪ اسين

بيمار وڇوڙي ۾ ٿا رهون
ڪٿي آهيون قادر چاڪ اسين

*


www.sindhsalamat.com



ڏسي راهہ ڪنهن جي سڪي رات پر
غمن جي بٺي جيان دکي رات پر

اچڻ جو چيو تون نہ پهتي پرين
ڪٽي مون حياتي ڏکي رات پر

ڏجي قوم کي رستو مقصد مثل
وطن لئہ ڪهاڻي لکي رات پر

رڳو عشق الفت جون ڳالهيون ڪيم
چئي نيٺ بند ڪر يکي رات پر

امڙ جو هيو ڪيڏو چهرو لٽل
هئي اڳيان ماني رکي رات پر

*


www.sindhsalamat.com

عجب هيل آندو آ سانوڻ وچوڙو
ٽٽي نيٺ ويو آهي پنڇين جو جوڙو

لٿي وصل جي ڪونہ موسم اڪين تي
ڏئي هجر تنهنجو ويو آ ولوڙو

مٿي هڪ تہ تنهنجي ملاقات مشڪل
متان بيو تہ رستو ملڻ جو آ سوڙهو

آ تنهنجو بسيرو محل ۾ او راڻي
اسين مارو ماڻهو ڪچو گهر ۽ لوڙهو

نڪري چا وئي نيگري پنهنجي گهر لاءِ
مري نيٺ ويو آهي غيرت ۾ پوڙهو

الائي ڪٿي تنهنجي منزل آ “قادر”
اڪين آڏو ويران منظر ۽ موڙو

❋





ڊهي محل پٽ ٿيا خوابن جا اڄ
ڏٺا رقص نيٽن عذابن جا اڄ

اکين ڪونہ پاتو اوهان کي پرين
مٿيا ڪوڙ ٽولا نقابن جا اڄ

پري ڪونہ منزل رهي هاڻ آ
ٿا نعرا لڳن انقلابن جا اڄ

پرين ڪونہ آئين اسان جي اڱڻ
رکيا هار تو لاءِ گلابن جا اڄ

وٺڻ حق قادر اُٿي خلق آ
وڏا ڪوٺ ڪرندا نوابن جا اڄ

❋

توکي وساري سکيو گذارڻ سوچيو هو
سچ جي سامهون تيلي ٻارڻ سوچيو هو

توکي تڪيندي رات سموري گذري وئي
محفل مان ڪنهن شخص اٿارڻ سوچيو هو

توکي من احساس ٿئي هڪ لمحي لئہ
تنهنجي در تي ڳوڙها هارڻ سوچيو هو

جڳ وارن جون وحشي نظرون ڏسندي ئي
پيءُ ڪنواري ڌيءُ اٿارڻ سوچيو هو

ڇا ڇا ڪيو مون تنهنجي خاطر سمجهين ٿو
ڪڏهن تو قادر سيال کي سارڻ سوچيو هو

****



www.sindhsalamat.com



اي پرين ڇئو موڪلاڻي ڪيئن لڳي
روئيندي رهي دل نماڻي ڪيئن لڳي

عشق ٿيو پهرين نظر توکي ڏسي
ڏس طبيعت عاشقاڻي ڪيئن لڳي

هٿ ڇمي اکڙين رکي توکان اٿيس
ائين ڪچهري جي پڄاڻي ڪيئن لڳي

شهر هن جي ڏانهن وڃي نياپو ڏجان
جيڪا مون منڊي اماڻي ڪيئن لڳي

مونکي ڏسندي، مرڪندي شرمائي وئين
ڳالهہ ورهين جي پراڻي ڪيئن لڳي

روز سپنن ۾ ٻڌي ڪوتائون ڇئو
سوچ منهنجي شاعراڻي ڪيئن لڳي

مهل ويندي تو ڇيو هڪ رات راه
سيال "قادر" هٿ ڇڏاڻي ڪيئن لڳي

⁂



www.sindhsalamat.com

مک چمڪي پيو چنڊ تارن جيان
چيلهہ هن جي سفيدي جي ٽارن جيان

گفتگو هن جي ڪيو مونکي مست آ
ٽهڪ هن جا وڏيا ڪي ٻارن جيان

ويس پائي اچو مون ڏي پهتي سِگهي
رُت پنڇڻ ۾ چڙ اڄ بهارن جيان

منهنجي ٻيڙي ڪان منزل پري ڪونہ آ
هو جو آهي سنڌو جي ڪنارن جيان

تنهنجي نيڻن کي ٿاهي چڏيو مئڪدو
آئون پيئندو رهان مئخوارن جيان

منهنجا رخسار "قادر" هي آلا رهيا
لڙڪ وهندا رهيا آبشارن جيان

*





اکين ۾ سارجو جگنو پي چمڪيو
پرين جي پيار جو جگنو پي چمڪيو

بدن تي گهاءُ ناهي چاهتن جو
ستم جي وار جو جگنو پي چمڪيو

اکين ۾ لڙڪ ناهي عاشقي جي
پرين جي پار جو جگنو پي چمڪيو

وفا جو واسطو ساڳيون رهيو آ
اڃان وهنوار جو جگنو پي چمڪيو

هٿيو ناهيان اوهان جي گس۾ن تان آئون
اڃان اعتبار جو جگنو پي چمڪيو

ڪٿي چپ تي لڳل آ مهر "قادر"
ڪٿي اظهار جو جگنو پي چمڪيو

*

جنهن کي جڳ ۾ پيار جي دولت ملي
ان کي آهي عزت ۽ شهرت ملي

عشق جو ڏاڍو اڙانگو هو سفر
دل کي پنهنجي چاهه جي طاقت ملي

پيار ۾ جيڪو ٻيائي ٿو ڪري
انکي رسوائي ملي ذلت ملي

هو رهي ٿو مونسان پاڇي جيان
ڪيڏي نہ مونکي اها نعمت ملي

جيڪو "قادر" هو رٺل مونکان گهڻو
اڄ وري ان شخص جي دعوت ملي

*


www.sindhsalamat.com



تنهنجون يادون مٺان ڇٽيون آهن
ڇڻ تہ مينهن جون وٺيون ڪٽيون آهن

جان! تنهنجي ڪئي عبادت مون
پر خوشيون منهنجون تو لٽيون آهن

هاڻي بس ڪري وئي آ باک ڦٽي
تنهنجون ميارون ايڏيون گهٽيون آهن

دل چوي ٿي رڳو هجين سامهون
تنهنجون اکڙيون مونکي وڻيون آهن

هار سينگار ٿي ڪري ايڏو
تنهنجي ٽڪ ۾ رڳو ڦٽيون آهن

گفتگو ٻي ڪجي تہ ڪيئن ڪجي
تنهنجي پر ساڻ ڪجھ ڇٽيون آهن

جيڪي قادر سيال توکي ڏنيون
سي چميون مون سيئي ڳٽيون آهن

*


www.sindhsalamat.com

نگاهن جا گلشن جا سپنا اڏاري
ونـي دل آ توکـي اڄ آڏي جو ساري

ڪڏي تير نظرن جي ترڪش مان سائڻ
ڇڏيو نيٺ دل جي پڪي ڪي تو ماري

چوڏهن واري چنڊ ڪي ٻ موهي وڌو آ
انهي گوري هڪڙي وڳي تنهجي ڪاري

گداگر ٿيا نيڻ تنهنجي گهٽي جا
پرين هڪڙو پيرو اچي وڃ نهاري

آ مقدر ۾ قادر وڇوڙو لکيل ڪو
رڳو تن جو تاڙو ٿو توکي تنواري

⁂







جنهن ٻـ آهي عشق جي لذت ڪنئي
ان نئين آ درد جي شدت ڪنئي

سونهن تنهنجي جي هو چرچو متل
ڳوٺ آهي ڏيهہ ۾ عزت ڪنئي

حشر جهڙي باهہ ۾ ڪو آ سڙيو
ڪنهن وچي جيئري آهي جنت ڪنئي

جنهن ٻ روڪيو قوم جو پاڻي هتي
تنهن حرامي آ هتي ذلت ڪنئي

تنهنجي وڇڙڻ جو پتو پئجي ويو
منهنجي چپڙن چاهہ جي قلت ڪنئي

عشق ۾ ترپڻ ڪانپوءِ "قادر" سيال
شاعري آ ڪيڏي ڏس جدت ڪنئي

⁂

تنهنجا مون سان نيڻ ملي پيا
ٽاندا ٻڻجي ڳوٺ دکي پيا

هڪڙي ناري ڪاري ڪئي ويئي
مارڻ لاءِ ڪئين راڄ اٿي پيا

آٽت اهڙي ماءُ ڏني ڪا
ٻار ٻڪايل نيٺ سمهي پيا

مرڪيو تنهنجو چا هو چهرو
باغن ۾ سڀ گل جهڪي پيا

تون چا ڇاڏي رخصت ٿاڻي
ڪيڏا اڪين مان لڙڪ ڪري پيا

"قادر" چت تي داڻا اڇليا
ٻاپ تان پنڇي سارا لهي پيا

****





سچي جڳ ڪان نرالو تون اڪيون توسان اڙيون آهن
ڪئي تو بيوفائي آ، عذابن جون گهڙيون آهن

خدا سائين اٿئي پارت، غريبن جي اجهي جي اڄ
متان طوفان جي زد ۾ ڪڪائون جهوپڙيون آهن

هئين مون سان گڏ جي منڙا تہ باغن ڦول مهڪايا
پڇاڻان تو مگر هاڻي ٿيون سڀ سچ مڙهيون آهن

اسان گل پيار جا پوکيا، سدائين دل جي ڌرتي تي
خزان ديرو ڄمايو چا ٿيون مس ڪجهہ ڌڙيون آهن

اکين ۾ قيد آ منظر اداسي جو هتي "قادر"
پرين جي انتظاري ۾ رڳو آسون سڙيون آهن

****

برسات پري رات مان ڪيئن وساريان
۽ پهرين ملاقات مان ڪيئن وساريان

سونهن ته ڏني باک جي ساک مون کي
حيرت ۾ آ پريات مان ڪيئن وساريان

دردن جو سمنڊ سو ته دل تان ته لنگهي ويو
گذري تنهنجي بارات مان ڪيئن وساريان

يادن جي هندورن ۾ هر روز جهومان تو
جوين ۾ لڳي ڏات مان ڪيئن وساريان

قادر" جي چمن ۾ بهارن جيان هو"
محفل ۾ ملي سا ته مان ڪيئن وساريان

****



www.sindhsalamat.com



انوکو عشق جوين ۾ وسي برسات ايندا سين
علي الاعلان آ توسان، ملڻ ڪنهن رات ايندا سين

اسان جو عشق آ خوشبو نه لڪندو آ لڪائڻ سان
محبت جي مخالف کي ڏيڻ ڪا مات ايندا سين

گهڙي پل جي حياتي آ، گذاريان تنهنجي پانهن ۾
ڪٺي بس حسرتون دل جون سنڌءِ محلات ايندا سين

وڄائي دهل شرنايون، ستارا سڀ ڪري ڄاڄي
بڻائي چنڊ کي لاڏو، وٺي بارات ايندا سين

جگر ۾ درد جا شعلا، وڇوڙي ۾ ٿي تڙپي دل
سڄو ٿيو ڳوٺ آ ويري ٿهي ڪا بات ايندا سين

جڏهن دل سان گهرائين! تون "قادر سيال" پنهنجي کي
تڏهن سڪ حب سنڌءِ سهڻا ڪٺي سوغات ايندا سين

****



www.sindhsalamat.com

هن جو لهرايو پٽو اڄ شام جو
ڪيڏو ٿي ويو ڇهه ڇٽو اڄ شام جو

بارشن جا ڏيک سپ وڻبا تڏهن
پاڻ ڪي ٿاهي مٽو اڄ شام جو

راهه ۾ گلڙا چٽي آجيان ڪبي
واٽ تان پاسي هٽو اڄ شام جو

منهنجي دل جي سرزمين بنجر بڻي
پيار جا ڪي گل ڇٽو اڄ شام جو

هڪ يتيم نياڻي پڇيو پي ماءُ کان
ڪير امان آڻي اٽوءِ اڄ شام جو

پي تڙپيو مدهوش ٿي "قادر سيال"
پرت جو پيتو وٽو اڄ شام جو

****





هڪڙي رات ملڻ جي آهي
عمر سموري سڙڻ جي آهي

ڏرتي تي وقت ڏکيو ئي آيو
مڙس ٿي مهل اٿڻ جي آهي

شايد منهنجي جوءَ ۾ آهين
هير گهلي جو ڏکڻ جي آهي

تنهنجو آهيان تنهنجو ئي رهندس
اها بہ ڳالهہ چوڻ جي آهي

ڳلڙا ماڪ پسايا آهن
هي پل پرهہ ڦٽڻ جي آهي

ڏينهن سڄو انسانن جو آ
رات پکي ۽ پکڻ جي آهي

"قادر" سر اڏي تي رکي بس
ريت اسان ڪي ڪسڻ جي آهي

****

عشق جي پل پل اڳيان
آ وڏي دل دل اڳيان

رنگ آخر لائيندي
پنهنجي هي هلچل اڳيان

عمر ير جي جستجو
مس ملي منزل اڳيان

چانو هن جا ذلف ٿيا
ڄڻ هجي بادل اڳيان

ڪيڏي آهي روشني
ڪو اڏيو آنچل اڳيان

ٿيندو "قادر" پرجهلو
يا علي مشڪل اڳيان

****





تنهنجو درد آ دل ۾ تير جيان
منهنجو پيار پٿر تي لڪير جيان

تون شهر سڄي جو امير ماڻهو
منهنجو رنگ ۽ روپ فقير جيان

منهنجي خوشين جو آ ٻيڙو ٻڏل
ڪو تاريندو دستگير جيان

پنهنجي پيار تي جڳ الزام هنيا
اڄ شهر ۾ رانجهي هير جيان

ڪجهه اهڙي نموني پاڻ ملون
اڄ پيارا ڪنڌ ۽ ڪير جيان

تون ذهن تي ڇانيل آهين ائين
ڏس ساموندي ڪنهن وير جيان

منهنجي اکڙين ۾ تون آهين پرين
رڳو خوابن جي تعبير جيان

تو "قادر" دلڙي نيت ڪيئي
بس چنري جي ڪنهن لير جيان

گل پن پنکڙيون ڇاڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي
سونهن جواني ماڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي

ڪيئن جهليان مدهوش اڪيون، پُرجوش اکيون
دوست دليون سڀ تاڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي

هن جو هي انداز ڏسڻ جو خوب لڳو
درد اندر جو سڃاڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي

دل جي هن آڪاش تي چڻ هو بيٺل آ
راز اکين جا ڄاڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي

پنهنجي ٻڪن ۾ ميڙي خوشبو ۽ هر گل جي
پاڻ سان گڏ هو آڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي

ٿي ويندي آهي منهنجي نماڻي زخمي دل
اهڙي نظر سان واڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي.

گم سم، گم سم رهندو آهي "قادر سيال"
ڪيڏانهن سوچ اماڻيو ڇڏي ٿي، جڏهن اچي ٿي

****


www.sindhsalamat.com



ياد تنهنجي سانورا اڄ رات جو
درد ٿي پيا ڇانورا، اڄ رات جو

چنڊ ۽ تارا ڪتيون ڪلندا رهيا
ڇو رُسي وئين بانورا اڄ رات جو

ڪونہ آيا، ڪونہ آيا، هو پرين
ڇو نہ پهتا پريرا اڄ رات جو

سنڌ تنهنجي سونهن ڏادي وئي وڌي
خوب خوشبو ۽ ڪرا اڄ رات جو

ويل ۾ آهي هتي "قادر سيال"
بس رڳو هئا آسر اڄ رات جو

****


www.sindhsalamat.com

درد ئي درد آهي تنهنجي سار ۾
ڪيڏي پيڙا پرين آ تنهنجي پيار ۾

مان ٿو پڇران پيو بيوسي ۾ هتي
جيت تنهنجي سدا، مان سدا هار ۾

ايئن ٿو سهڻن ۾ سهڻو لڳين ٿو مون کي
باغ منجهه گل گلابي ڪو جيئن ٽار ۾

تنهنجي نيڻن جي سڪ ٿي ويس سحر ۾
جڻ ته ڦاسي پئي مڇي ڄار ۾

توکي ٿر جي پرين پياس جيان ٿو سڏيان
من وري پئين تون ساونڻ جي وسڪار ۾

توکي دل مان ڪڍي دلبر ڪيئن ڇڏيان
ناهي توکي وسارڻ پي اختيار ۾

پيار ايئن پنهنجو "قادر" ٿي مشهور ويو
ڳالهه ويندي هلي جيئن آ بازار ۾

****



www.sindhsalamat.com



وسيل برسات جا قطرا، پرين جي ڳوٺ جا منظر
پکين جا ان پهر ٽولا، پرين جي ڳوٺ جو منظر

گلابي شام کان پوءِ سهاني رات چاندوڪي
ندي تي عڪس ڇهري جا، پريِن جي ڳوٺ جو منظر

نياڳي نند يادن جي، ذهن تي سوچ جا پاڇا
اکين ۾ جاڳ ۽ ڳوڙها، پرين جي ڳوٺ جو منظر

اداسي جا ولر سرتي محبت ٿي وڃڻ کان پوءِ
اندر ۾ عشق جا شعلا، پرين جي ڳوٺ جو منظر

اڏي ڪو محل خوابن جو، جيئون پيا جوءَ تنهنجي ۾
ڇڏي "قادر" پلا سگهبا، پرين جي ڳوٺ جو منظر

****



www.sindhsalamat.com

تنهنجي اکين جو رنگ ڏسان ڇا؟
جوڀن سونهن جو دنگ ڏسان ڇا؟

ڌرتي سائي چادر اوڍي
سونا سونا سنگ ڏسان ڇا؟

جوڀن ڀري جيون جا اڄ
ٻهڪيل ٻهڪيل انگ ڏسان ڇا؟

هنج پکين جي حب اندر ۾
ڪوڙا ڪوڙا ڪنگ ڏسان ڇا؟

ڌرتي ڌٽين جي پيرن ۾ مان
ڪيڏا وڪوڙيل ونگ ڏسان ڇا؟

باغن پريون ويون بهارون
هاڻي ڇوڏس جهنگ ڏسان ڇا؟

ماڻهو امن جي ديس جو آهيان
“قادر سيال” مان جنگ ڏسان ڇا؟

****


www.sindhsalamat.com



ڪيڏو تو لئہ اکڙيون ترسيون محفل ۾
پيار پريون ڀي بوندون برسيون محفل ۾

هو تہ ڦلهاري خوشبو هلي وئي محفل مان
خالي ڪرسيون ٿي ويون ساريون محفل ۾

مون ڀي آهي محسوس ڪيو اڄ محفل ۾
تنهنجون ڏسان پيو اکيون آليون محفل ۾

جيئرا آهيون پيار ڪيون ۽ جڳ جڳ جيئون
ڪڏهن تہ ٿينديون پنهنجون ورسيون محفل ۾

شايد پنهنجو پيار ٻڌايئي سهيلين کي
مون کي ڏسندي ساريون مرڪيون محفل ۾

سڪ اکير تو لئہ رهندي آخر تائين
دل جون ساريون ڪونجون ڪِرڪيون محفل ۾

جڳ جي نظرن توکي تکيو ڀي محفل ۾
تنهنجون ٿي ويون ڪيڏيون سرسيون محفل ۾

تنهنجو جوڀن ناچ ندي جو “قادرسيال”
تنهنجي اندر ۾ عشق جون ڇوليون محفل ۾


www.sindhsalamat.com

ياد تنهنجي مينهن جيان وسندي رهي
تنهنجو مونکان چاندني پ ڇندي رهي

ڳوٺ پنهنجي کي ڇڏڻ جو هو سبب
سازش مهم بس وڌندي رهي

وئي اورانگهي پيار جا رشتا سيئي
لوڻ زخمن تي رڳو رکندي رهي

هن جي گهٽي مان ٿيو منهنجو گذر
درکي کولي ڳوڙها هو اگهندي رهي

ڪونه ماڻي مان سگهيس محبوب کي
دل منهنجي پاڇي پٽيان ڊڪندي رهي

هو پکين جي شهر جو ماڻهو هيو
امن لئه دل هن جي سڪندي رهي

تنهنجي آمد جو ٻڌي ڪلهه شام
سيال "قادر" دل منهنجي نچندي رهي

***



www.sindhsalamat.com



سر اڏي تي مرڪي رکيو سائين سورهيه بادشاهه
ڪونه آخر تائين جهڪيو، سائين سورهيه بادشاهه

ڳاٽ اوچي ساڻ تو ، دشمن کي آ للڪاريو
عزم تنهنجو ڪونه رڪيو، سائين سورهيه بادشاهه

ڏينهن انهي ٿيو تنهنجو سپنو ساپيان اي مرشدا
سوپ وارو سج اڀريو، سائين سورهيه بادشاهه

مرد حق سچ جو مجاهد ٿي لٿين ميدان ۾
تنهنجي رت سان رنگ رچيو، سائين سورهيه بادشاهه

تون شهيد ۽ سرخرو ٿي، سنت حسيني پاريئي
آهي بيشڪ بهشت گهڙيو، سائين سورهيه بادشاهه

ويهه مارچ آ گواهي تنهنجي قرباني سندي
شعر "قادر" سيال لکيو سائين سورهيه بادشاهه

****



www.sindhsalamat.com

# نظم

## ڪاڪو ميگهو

ڪاڪو ميگهو ٻوڏ متاثر
جيڪو بارش ۾ ٿيو بي گهر
جنهن جا انگ اگهاڙا ٻالڪ
روز ڪٽين ٿا فاقا ٻالڪ
جنهن وٽ جتي ڪپڙو ناهي
جنهن جو هٿڙو خالي آهي
هن جي ڪن تي ڳالهه پئي ڪا
شهر ۾ ڪا امداد آئي آ
ٻارن سوڌو ڪاڪو ميگهو
ڳوٺ مان نڪتو شهر ۾ پهتو
امدادي ٽرڪن جي پويان
ٿورن ڪن پئسن جي پويان
شهر ۾ رلندي آخر
هن تي ٿي سان ڳالهه هي ظاهر
شهر ۾ فتوىٰ جاري ٿي آ
رستن تي اعلان ٿيو آ
مسلم کي امداد هي ملندي
هندن ۾ ڪا ورچ نه ٿيندي
مايوسي مان ڪاڪو ميگهو
موٽي ڳوٺ ۾ واپس آيو





مانو کي احوال ٻڌايو
شهر جو سارو حال ٻڌايو
مسلم ملڪ جا مسلم ماڻهو
ڪٽندا سي امدادي ناڻو

****

# قوم کي ڪر بيدار

وقت جي آ پڪار اي سنڌي
قوم کي ڪر بيدار اي سنڌي
وقت ناهي منهن ڦيرڻ جو
نہ سمهڻ پير ڊگهيرڻ جو
هي قافلو اڳئي ڏڪيرڻ جو
۽ رهزن کي آ گهيرڻ جو
واڪا وڏي للڪار اي سنڌي
قوم کي ڪر بيدار اي سنڌي
جذبا جي بم گولا ٿيندا
ڳاڙها جهنڊا شعلا ٿيندا
رستا پاڻهي سولا ٿيندا
پيدا دولهه دودا ٿيندا
ٻيڙو ٻڏل ڪو تار اي سنڌي
قوم کي ڪر بيدار اي سنڌي
دشمن جي هلي پاڙ پٽيون





محبت جو ڪو گهرڙو اڏيون
جنگ هارايل ٻيهر ڪٽيون
بازن جا هلي ڪي پر ڪٽيون
جذبا ڪيون هٿيار اي سنڌي
قوم کي ڪر بيدار اي سنڌي
قادر چڪتو حساب ٿو گهرجي
گهٽي گهٽي انقلاب ٿو گهرجي
خار نہ پر گلاب ٿو گهرجي
دولهه جهڙو نواب ٿو گهرجي
دشمن لئہ ٿي تلوار اي سنڌي
قوم کي ڪر بيدار ي سنڌي

****

# چڏ لال لهو ۾ رقص ڪيان

مونکي منهنجي پياري امان
چڏ لال لهو ۾ رقص ڪيان
ڏي پنهنجي هٿن سان ور پٿڪن
آ مون کي سڏيو اڄ سرويچن
ها هوشو، هيمون ۽ دودن
ٿا تاريخن ۾ سي مرڪن
تن سان گڏ ڪي ٿهڪ ڏيان
چڏ لال لهو ۾ رقص ڪيان

نہ ڳانا مون لئہ جوڙ امان
نہ ساندي رک تون موڙ امان
جي حياتيون هجن کوڙ امان
ميدان ۾ وڙهندس توڙ امان
شال دودي وانگي آئون جيان
چڏ لال لهو ۾ رقص ڪيان





زلفن کي ڏيان مان ڪيئن ڦٽي
هٿ روز پيا ڪسجن پونءَ ڏٽي
ٿئي مارا ماري روز گهٽي
لاش ٿڪي پيا آهيون ڪٽي
پيو زهر جو قادر ڍڪ پيان
چڏ لال لهو ۾ رقص ڪيان

****

## ڏنو سگ چٽي ۾

نہ ڪاري نہ ڪاري نہ بابا مان ڪاري
زمانو ڪري پيو اجائي خواري
عمر منهنجي گذري گهرن کي راڳيندي
پنو گاھہ ڏاندن جي جوڙي کي ڏيندي
مڙس سان تہ کيتن ۾ ٻج کي ڇٽيندي
سڄو ڏينهن هڪڙي ٽڪر ۾ ڪٽيندي
حياتي آ مون کي تہ بيحد پياري
نہ ڪاري نہ ڪاري نہ بابا مان ڪاري

ڏنو سگ چٽي ۾ منهنجو تہ چڱن آ
چڱوهو تہ مون هو پهرين پڇن آ
هئي دل جي خواهش تہ رايو رکن آ
ڪري هاڻ ڇڏيو تہ پوڙهو ڏکن آ
کيان کهڙا سينگار کهڙي تياري
نہ ڪاري نہ ڪاري نہ بابا مان ڪاري

امڙ تو جٽيو هو جڳ ۾ جيئڻ لئہ
چمن ۾ گلابي ڪو گلڙو ٽڙڻ لئہ
۽ قدرت جي وٽندڙ هي دنيا ڏسڻ لئہ
کهاڙي نہ گولي نہ ڪائي مرڻ لئہ
مان پنهنجي ئي گهر ۾ هجان ڇڻ تہ ڌاري
نہ ڪاري نہ ڪاري نہ بابا مان ڪاري

****







## وائي

منظر سارا سڄ لڳن

تون ڇڏي وئين ڳوٺ کي
خوشبو ڪيڏانهن وئي هلي
ماڻهو مونکان ٽا پڇن
تون ڇڏي وئين ڳوٺ کي
هاڻ تہ تنهنجي راهن ۾
ڪنهن جي لاءِ گل رکن
تون ڇڏي وئين ڳوٺ کي
دونہ يون دردن جون پرين
توکان پوءِ روز ڏُکن
تون ڇڏي وئين ڳوٺ کي
وڏ ڦڙي مينهن جيان
اکڙين مان ٽا لڙڪ ڪرن
تون ڇڏي وئين ڳوٺ کي

چنڊ جهڙو تو لڳي

مرڪ هن جي ڪي ڏسو

چڙ ته ڪارونجهر مٿان

مور بيٺو ٿو ٽلي

مرڪ هن جي ڪي ڏسو

ڳوٺ وارا ٿا چون

باغ ۾ پيو گل ٽڙي

مرڪ هن جي ڪي ڏسو

نندا ڪٽڙين جي وري

پيو پکي وانگي چڳي

مرڪ هن جي ڪي ڏسو

****



www.sindhsalamat.com



توکي هجي جس

اچي وئين برسات ۾

هن اڙانگي جوءِ جو

ڏنو ڪنهن ته ڏس

اچي وئين برسات ۾

شايد توکي ڪڙڪٻيتن

ڳولي ڏنو آ ڳس

اچي وئين برسات ۾

هاٽي ته پنهنجي عشق جي

مڇي راند ۽ رس

اچي وئين برسات ۾

ذائقو منهنجي پيار جو

انبن جو ڪو رس

اچي وئين برسات ۾

****



www.sindhsalamat.com

تنهنجي گهر مٿان

چنڊ سهڻو پيو لڳو

چانڊني جي رات ۾

هاري ۽ هر مٿان

چنڊ سهڻو پيو لڳو

چوليون پاٽي جون هيون

وهنڊڙ ڪنهن جر مٿان

چنڊ سهڻو پيو لڳو

شهر ڪان تورو ئي پري

پرين تنهنجي تر مٿان

چنڊ سهڻو پيو لڳو

مينهن وسڻ ڪان پوءِ ڏس

ڪيڏو آهي تر مٿان

چنڊ سهڻو پيو لڳو

****





رات آهيان نه ستو

شاهدي ڏيندو چنڊ

پهتس تنهنجي گهر اڳيان

پي اتي پونڪيو ڪتو

شاهدي ڏيندو چنڊ

محو آهيان مان عشق ۾

چڙ هجان ڪو انڌو

شاهدي ڏيندو چنڊ

محفل هئي ڪنهن ڳوٺ ۾

جوڳين جو آيو جٿو

شاهدي ڏيندو چنڊ

قيد مونکي تو ڪيو

نيٺ پوءِ پيو پتو

شاهدي ڏيندو چنڊ

****

منظر ڇڻ پريات جيان

مرڪيو آهي ننڊ ۾

پيار تنهنجو پيو وسي

ساونڻي برسات جيان

مرڪيو آهي ننڊ ۾

چنڊ لڳي تو گهوٽ ڇڻ

تارن جي بارات جيان

مرڪيو آهي ننڊ ۾

ڏيک سارو ٿا ڏين

چاندني جي رات جيان

مرڪيو آهي ننڊ ۾

****



www.sindhsalamat.com



ديس جو سودو ڪيان

ڪرسي لاءِ هٿ ٻڌان

تنهن ڪان تہ ڦٿڪي مران

ڌرتي جي غدارن سان

خوش ٿي جي يارن ڪِلان

تنهن ڪان تہ ڦٿڪي مران

ڪوڙ ڪاروبار جنين جو

سچو تن کي جي چوان

تنهن ڪان تہ ڦٿڪي مران

نعره قوميت جا هڻي

درسگاهن ۾ خلل وجهان

تنهن ڪان تہ ڦٿڪي مران

ماڻهن کي بيوقوف ڪري

ڏاڍا ۽ ڦيٽان پڙهان

تنهن ڪان تہ ڦٿڪي

مران

”قادر“ قوم سان ويڌن ڏسي

چپ ڪري جي ويهي رهان

تنهن ڪان تہ ڦٿڪي

مران



www.sindhsalamat.com

دونهيون درد جون دکن

روز منهنجي سنڌ ۾

ٽوڻا، ڦيٽا، ڏاڳا، منتر

ٺاهہ ٺڳي جا ٺهن

روز منهنجي سنڌ ۾

گلڙن جهڙيون ڇوڪريون

ڪاروڪاري ۾ ڪسن

روز منهنجي سنڌ ۾

سنڌ دوست ڪو ماڻهو ڏسندي

اندر هنن جا سڙن

روز منهنجي سنڌ ۾

وقت جو آ فيصلو

سڀ سنڌي گڏ ٿين

روز منهنجي سنڌ ۾

هاڻي تہ ”قادر“ گهر گهر ۾

آزادي جا گل ڦٽن

روز منهنجي سنڌ ۾

****





جاگيردار وڏيرن مان

جعفر جهڙن ميرن مان

سنڌ ڦاٽي آهي

ڪتن وانگي ٽانو چٽيِن ٽا

ماڻهو بي ضميرن مان

سنڌ ڦاٽي آهي

ڪمپيوٽر جي دور ۾ نقلي

پڙاوڍيندڙ پيرن مان

سنڌ ڦاٽي آهي

بک بدحالي بيروزگاري

نفرت جي تيرن مان

سنڌ ڦاٽي آهي

ڍنگ رچائي غربت جو

هٽرادو فقيرن مان

سنڌ ڦاٽي آهي

****

جوڙيو جنگ جوان

دوست پنهنجي ديس لئہ

رهزنن جي جوءِ کي

ساڙي ڪيو ميدان

دوست پنهنجي ديس لئہ

پاڻي خاطر سڀ اُڃندا

هي ڳوٺاڻا انسان

دوست پنهنجي ديس لئہ

تاريخن ۾ طعنا مِلندا

ٿيبو پشيمان

دوست پنهنجي ديس لئہ

“قادر” منهنجي گهر ۾ ڏس

ڪامريڊي سامان

دوست پنهنجي ديس لئہ

****





سنڌو درياءُ پيو سڪي

پئي رڳو واري اُڏي

رت تو منهنجو ڪڙهي

سنڌين جي پيٽ تي

هو پيو پٿر رکي

رت تو منهنجو ڪڙهي

سامراجي سازشون

ديم ڪالاباغ ٿيهي

رت تو منهنجو ڪڙهي

سڀ وڪرو ٿي ويا

يار ڪرسي جي ڪري

رت تو منهنجو ڪڙهي

ظالم ڪي للڪاريون

سڀ اٿي واڪا وڏي

رت تو منهنجو ڪڙهي

هڪڙو “قادر” آ ڪوي

سچ ويٺو تو لکي

رت تو منهنجو ڪڙهي

****

کوهن تي پاڻياريون
ڏس منهنجيون سنڌياڻيون
چنڊ جهڙيون تيون لڳن
ڳوٺاڻي ڪنهن ڪاڄ ۾
ڌرتي جون ڌياڻيون
چنڊ جهڙيون تيون لڳن
پنهنجي ورن سان ڪيتن ۾
ٻج ڇٽيندي ڳوٺاڻيون
چنڊ جهڙيون تيون لڳن
ديس خاطر سر ڏنو
تاريخ ۾ حرياڻيون
چنڊ جهڙيون تيون لڳن
جنگ جڳن ڪان وڙهيون
ٻاگهي جون ساٿياڻيون
چنڊ جهڙيون تيون لڳن

****





ڪهڙي سينڌ مساڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
ڪاتب پنهنجي قلم سان
ٺاهي لکيو آ ياڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
بيمار آهي بستر تي
ساري رات جاڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
منهنجيون گلڙن جهڙيون سهيليون
ڳائن تيون منهنجو راڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
جوڀن ڀري جيون جي
اديون ڪهڙي سهاڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
عيد جهڙي ٻه ڏهاڙي تي
رڏيان ويٺي ساڳ
پوڙهو ور نصيب ۾
سڳ چٽي ۾ آئي قادر
جڙي هن جي لئه ڏهاڳ
پوڙهو ور نصيب ۾

****

سنڌو جي ڪناري
ڏيئا پيو ٻاري

شاعر شيخ اياز

حال ڏسي سنڌ جا
ڳوڙها پيو هاري

شاعر شيخ اياز

سنڌ تون نہ مرڻي آ
اها سٽ پيو جهونگاري

شاعر شيخ اياز

لڪُڻ تي ٽيڪ ڏيئي
ٽر ڏي پيو نهاري

شاعر شيخ اياز

مٽي ڪٽي سنڌو جي
اکيون پيو ٺاري

شاعر شيخ اياز

****





ميندي سان لال هٿڙا
سڪين سان ڪري ٿهڪڙا
ونواهہ ۾ وينل ڇوڪري
پئي چڙي هو جوءِ کي
نوان اڏيندي پکڙا
ونواهہ ۾ وينل ڇوڪري
دعا ڪيو سڀ پينرون
شادي ڏسي هو سکڙا
ونواهہ ۾ وينل ڇوڪري
مهل ويندي ٽي ويس
لال هن جا ڳلڙا
ونواهہ ۾ وينل ڇوڪري
قادر ڪيڏو خوش ٿي ڏسجي
مهڪيل ڏسي مکڙا
ونواهہ ۾ وينل ڇوڪري

****

# عرض

جهڏو ادب ڪچهري پنهنجي مدد پاڻ تحت هلندڙ ادبي ادارو آهي. جهڏو ادب ڪچهري پاران نوجوانن ۾ علمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ لائبريري هلندڙ آهي. ڪوبہ ادبي خدمت جو جذبو رکندڙ دوست لائبريري لاءِ ڪتاب ڏيڻ چاهي تہ هيٺ ڏنل ائڊريس تي موڪلي ڏي. سندس شڪرگذار رهنداسين.

ٿورائتو

**قادر سيال جهڏائي**
03023312940
پوسٽ آفيس جهڏو،
ضلعو ميرپورخاص،
معرفت ناگوري ميڊيڪل اسٽور جهڏو



آسن جو آسمان

## پُراڻ پبليڪيشن جهڏو جا ايندڙ ڪتاب

1. ديوان غمدل (شاعري) غلام حيدر غمدل سيال
2. پورهيتن جا درد (مضمون) محب پيل

www.sindhsalamat.com